آن لائين
# ڪاوش
# دنيا
آچر 6 جولاءِ 2025ع
www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya



ڪَربَلا جي پِڙَ ۾، خِيما ڪوڙِيائُون؛
جهيڙو يَزِيدَ سامُهون، جُنبِي جوڙِيائُون؛
مُنهن نہ موڙِيائُون، پَسِي تاءُ تَرارِ جو.

(شاهہ عبداللطيف ڀٽائي)



# شامِ غريبان... هاءِ شامِ غريبان...



نصير مرزا

ڪربلا جو رڻ اڄ بي وطن، بي سر و سامان ۽ وطن کان دور مسافرن جو ديار بڻيل آهي، جتي هڪ پاسي معصومن تي ٽن ڏينهن کان پاڻي بند آهي ۽ فرات درياهه جي ڪناري کان دور خيمن ۾ نهايت جلد بيواهه ۽ يتيم ٿي ويندڙ بيبين تي عجيب اضطراب ۽ بي چيني جي ڪيفيت طاري آهي ۽ ٻئي پاسي، پاڪ ڦٽيءَ سان، هو سڀ جيڪي عرش ڪرسيءَ جا پاوا آهن، دين دنيا جا ڏٽي ۽ محافظ آهن، ڏٽيءَ جي رضا سان ڪربلا جي ميدان ۾ موجود آهن. هڪڙي پاسي جي ڏسو ته ”رڪ رئي“جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ ڪربلا جي بي ڪنار ڪارِ راز ۾ يزيد جي بي پناهه سپاهه چاڪ و چوبند بيٺو آهي، ته ٻئي پاسي، تقريباً بي هٿيار امام حسين عليہ السلام جن جا جان نثار آهن ۽ انهن ۾ ڪي ڦوهه جوان آهن، ڪي ٻڍڙا ۽ هر هڪ جي دل ۾ شوقِ شهادت جو ولولو آهي ۽ چپن

**اها تاريخ هئي ڏهين محرم الحرام ۽ سن هو 61 هجري. امام حسين عہ جن جي انهيءَ وقت ڄمار هئي ”57 سال“ ۽ سندن مختصر فوج جو سپهہ سالار هو حضرت عباس علمدار عہ. غازي عباس عہ ان وقت 32 ورهين جا ڦوهه جوان هئا. شهزادو علي اڪبر 18 ورهين جو، شهزادو قاسم گهوٽ 14 سالن جو ۽ شهزادي علي اصغر جي ڄمار ان وقت صرف 6 مهينا هئي ۽ امام حسين عہ جن جي انهن پاڪ شهزادن سميت ڪل 71 اصحاب ڪربلا جي ميدان ۾، يزيد جي جنهن سپاهه سان منهن مقابل هئا، انهن جو تعداد هزارن ۾ نہ، لکن ۾ ٻڌايو وڃي ٿو ۽ اڄوڪي ڏينهن تي، ڪربلا جي ميدان ۾ هڪ پاسي انهن جون ”دغائون“ آهن ۽ ٻئي پاسي امام حسين عہ جن جي انصارن جون ”وفائون“ آهن. هڪ پاسي هُنن جو جبر ۽ قهر آهي، ٻئي پاسي هيڏانهن صبر ۽ استقلال!**

تي صرف اها ئي صدا:

ذبح ڪرني ڪيلئي لشڪرِ ناري آئي
ڪهين جلد ميري مرني ڪي بهي باري آئي!

امام حسين عہ جن جا هي اهي ئي ته جان نثار هئا، جيڪي ڪالهه باڪ ڦٽڻ سان مولا عہ جي حفاظت جي لاءِ ان جي چوڌاري اڇي مڙيا آهن ۽ رات جو شبِ عاشور وقت ”شمع گل“ ڪري انهن ئي ڪي مير انيس جي بقول امام حسين عہ جن چيو پئي:

صبح سويري رن پڙنا هي، اور گهمسان ڪا رن،
راتون رات چلا جائي جس جس ڪو جانا هي!

امام حسين عہ جن انهن سيني تي صاف صاف واضح ڪيو ته هي موٽي وڃي نہ سگهندو هاڻي شايد موٽي مديني نہ وڃي گهمندو ۽ شهادت اسان جو مقدر بنجي چڪي آهي، ۽ اهڙي گفتگوءَ جي موٽ ۾ امام حسين عہ جن جي جانِ نثارن جيڪي ڪجهه چيو هو، اهو ڪربلا جي تاريخ جو سونهري باب آهي. اردو شاعر مجِيد امجد، امام حسين عہ جن جي انهن ئي جانِ نثارن ڪي هن ريت خراج پيش ڪيو آهي ته:

سلام ان پہ تهہ تيغ بهي جنهون ني ڪها،
جو تيرا حڪم، جو تيري رضا، جو تو چاهي!

شبِ عاشور يعني ڏهين محرم الحرام واري رات پنهنجي خيمي ۾ امام حسين عہ جن ڪيئن گذاري هوندي!؟ ۽ ان جو منظر ڪنهن گمنام شاعر پنهنجي هڪ شعر ۾ اڄهو هن طرح سان بيان ڪندي لکيو آهي ته انهيءَ رات:

ڪربل ڪي سرزمين پہ بناتي رهي حسين عہ،
اسلام ڪي حيات ڪا نقشہ تمام رات!

ڪربلا ڪارِ راز ۾ هي جيڪو ”صبحِ عاشور“ نمودار ٿيو هو، اها تاريخ هئي ڏهين محرم الحرام ۽ سن هو 61 هجري. امام حسين عہ جن جي انهيءَ وقت ڄمار هئي ”57 سال“ ۽ سندن مختصر فوج جو سپهہ سالار هو حضرت عباس علمدار عہ، جنهن لاءِ سينگار علي سليم هڪ سوز ۾ لکيو هو:

عباس عہ سا دنيا مين ڪوئي شير نهين هي،
عباس عہ ڪي تو نام مين بهي زير نهين هي!

غازي عباس عہ ان وقت 32 ورهين جا ڦوهه جوان هئا. شهزادو علي اڪبر 18 ورهين جو، شهزادو قاسم گهوٽ 14 سالن جو ۽ شهزادي علي اصغر جي ڄمار ان وقت صرف 6 مهينا هئي ۽ امام حسين عہ جن جي انهن پاڪ شهزادن سميت ڪل 71 اصحاب ڪربلا جي ميدان ۾، يزيد جي جنهن سپاهه سان منهن مقابل هئا، انهن جو تعداد هزارن ۾ نہ، لکن ۾ ٻڌايو وڃي ٿو ۽ اڄوڪي ڏينهن تي، ڪربلا جي ميدان ۾ هڪ پاسي انهن جون ”دغائون“ آهن ۽ ٻئي پاسي امام حسين عہ جن جي انصارن جون ”وفائون“ آهن. هڪ پاسي هُنن جو جبر ۽ قهر آهي، ٻئي پاسي هيڏانهن صبر ۽ استقلال! ۽ اهڙي صورتحال ۾ پورين همٿن سان اتي بهادريءَ سان بيٺل امام حسين عليہ السلام جن ڪي ڏسي ڪنهن شاعر چيو هو:

گهرون ڪي سمت ڪوئي راستہ نهين جاتا،
حسين عہ پهر بهي تيرا حوصلہ نهين جاتا!



**اهو ڪچڙي منجهند جو وقت هو جو امام حسين عہ جن پاڻيءَ لاءِ فرات درياهہ وٽان غازي عباس عہ جو آواز ٻڌو: "ادرڪني يا آقاءِ حسين عہ" (اي منهنجا آقا! منهنجي مدد لاءِ پهچو). مولا حسين عہ جن ذوالجناح تي سوار ٿي، جلد از جلد اتي پهتا تہ ڏٺائون: "پاڻ لهو ۾ تر ۽ ان جي مشڪ بہ لال و لال/بازو ڪو نہ بچيا، پر ان جو اوچو علم ڪمال!" ڪربلا جي ميدان ۾ امام حسين عہ جن لاءِ غازي عباس عہ جي اها شهادت پهرئين وڏي صدمي واري هئي.**

تاريخ لکي ٿي تہ ڪربلا جي رڻ ۾ امام حسين عہ جن سان گڏ جوان مرد ۽ انصار مختصر هئا، پر ٻارن ۽ مستورات جو تعداد وڌيڪ هو ۽ اهي سڀ سادات هئا يا غير سادات، پر اڄوڪي ڏينهن انهن منجهان هر هڪ جي منشا بس اها ئي هئي تہ سندن سر ڇو نہ ڌڙن کان ڌار ٿي وڃن، پر "شمعِ امامت" جي هر حالت ۾ حفاظت ٿيڻ گهرجي ۽ امام حسين عليہ السلام جن جي سيني سوانح نگارن واڪاڻ ڪندي لکيو آهي تہ، پاڻ حيرت انگيز حد تائين صابرين هئا ۽ سندن صبر ۽ برداشت جو ڦهلاءُ مثلِ ڪائنات وانگر وسيع ۽ ڪشادو هو. "جنگ" سندن حياتيءَ جو نصب العين ئي نہ هئي ۽ ڪربلا جي اها جنگ تہ مٿن مسلط ڪئي ويئي هئي ۽ مورخن ان ڳالهہ جي ثبوت ۾ لکيو آهي تہ، انهيءَ جنگ کي ٽارڻ لاءِ پاڻ مديني مان هجرت ڪرڻ فرمائي هئائون ۽ ڪوفي ڏانهن وڃڻ کان پهرين، مڪي پاڪ ۾ حج جي ادائيگي لاءِ اسهيا هئا. پر پوءِ پاڻ اهو ارادو بہ ترڪ ڪيو تہ متان ڪعبتہ الله شريف ۾ سندن موجودگي سبب ڪا بدمزگيءَ جهڙي صورت نہ پيدا ٿي پوي. ڪربلا پهچي امام حسين عہ جن اتي بہ جنگ جي ميدان ۾ لهڻ ۽ جنگ کي ٽارڻ لاءِ ڪوشش ونندا رهيا ۽ انسان ذات جي ڪوس کي روڪڻ لاءِ يزيد ڏانهن خطن جي صورت ۾ پنهنجون تجويزون موڪليندا رهيا، جيئن تلوارون انساني سرن ۽ سر تلوارن جي قهر کان محفوظ رهن. پر شمر جي پهرين تير سان اها جنگ جڏهن نيٺ ڇڙي پئي ۽ اهو باک ڦٽيءَ جو وقت هو. صبح عاشور جي مهل جڏهن شهزادو علي اڪبر عہ فجر جي ٻانگ ڏيئي چڪو ۽ اقامت ڪانپوءِ، امام حسين عہ جن جا جان نثار نماز جي صفن ۾ بيهي چڪا هئا، جو هن طرف کان تيرن جا مينهن وسڻ شروع ٿي ويا ۽ ان ڪانپوءِ جيئن جيئن ڪربلا جي ميدان تي سورج نمودار ٿيندو ويو، ڪائنات ۾ بيچيني پکڙبي ويئي، ڪربلا جي پکين پاڻ پڇاڙن شروع ڪيو ۽ رڻ سڄو گهوڙن جي هڻڪارن ۽ تلوارن جي جهڻڪارن سان پرجندو ويو.

اهو ڪچڙي منجهند جو وقت هو جو امام حسين عہ جن پاڻيءَ لاءِ فرات درياهہ وٽان غازي عباس عہ جو آواز ٻڌو: "ادرڪني يا آقاءِ حسين عہ" (اي منهنجا آقا! منهنجي مدد لاءِ پهچو). مولا حسين عہ جن ذوالجناح تي سوار ٿي، جلد از جلد اتي پهتا تہ ڏٺائون:

پاڻ لهو ۾ تر ۽ ان جي مشڪ بہ لال و لال
بازو ڪو نہ بچيا، پر ان جو اوچو علم ڪمال!

ڪربلا جي ميدان ۾ امام حسين عہ جن لاءِ غازي عباس عہ جي اها شهادت پهرئين وڏي صدمي واري هئي. امام حسين عہ جن جي انهيءَ شديد صدمي ۽ بي پناهہ نقصان جي ڪيفيت کي مير انيس هيئن بيان ڪيو آهي:

"ٽوٽي ڪمر حسين عہ ڪي، بهائي ڪي داغ مين!"

۽ بس تصور ڪريو تہ اها ئي اها صورتحال هئي، جنهن جي صدمي بابت مير انيس اسان کي پنهنجي هڪ ٻئي مرثيي جي ذريعي هيئن خبر ڏني آهي تہ:

اعدا مين شور تها ڪي اڪيلي هوئي امام،
بيڪس هوئي حسين عہ لڙائي هوئي تمام!

۽ ائين اهلبيت ۽ اصحابن جي شهادتن جو سلسلو شروع ٿي ويو. ستر جان نثار "شمعِ امامت" جا پروانہ بنجي چڪا تہ هاڻي (71 ايڪهترين) شهزادي علي اصغر عہ جو وارو آيو ۽ ڪربلا جي پڙ ۾ امام حسين عہ جن جي جان نثارن مان هي ڪمسن ترين شهيد هو، جنهن کي ڪربلا جي زمين تي لهولهان ڏسي، مير انيس چيو هو:

"بچہ پڙا هي ايڪ ستارہ سا خاڪ پر!"

۽ شهزادي اصغر عہ جي اها شهادت حرملہ جي تير سان ٿي هئي ۽ ڪربلا جي ميدان ۾ هي ئي اهو اڪيلو شهزادو آهي، جنهن کي امام حسين عليہ السلام جن پنهنجي تلوار "ذوالفقار" جي نوڪ سان قبر کوٽي، پنهنجن هٿن سان "سپرد خاڪ" ڪيو هو. چوندا آهن، هر شيءِ جي هڪ حد هوندي آهي ۽ ڪربلا ۾ امام حسين عہ جن جي صبر جي حد هئي شهزادي علي اصغر جي قبر جو نشان!! ۽ هڪ کان هڪ شهزادي ۽ هڪ کان هڪ محبوب جان نثارن جي شهادتن بعد ڪربلا جي بي ڪنار ميدان ۾ هاڻي امام حسين عليہ السلام جن تن تنها هئا ۽ خيمي مان بيبين کان وداع ٿي، عصر جي وقت، جنهن مهل اڄوڪي ڏينهن تي پاڻ يزيد جي هزارين ماڻهن تي مشتمل فوج کي پنهنجي مدِ مقابل ڏٺو هوندائون تہ لڳي ٿو، مير انيس جي هنن ئي لفظن وانگر سوچيو هوندائون:

سب ايڪ طرف جمع هين،
مين ايڪ طرف هون!

۽ اڄوڪي ڏينهن تي شام جو جنهن وقت "دشتِ نينوا" جي پهاڙن پويان سج ڊرڪندو پئي ويو ۽ شفق ۾ لالاڻ پکڙجڻ واري هئي، جو امام حسين عہ جن رُڪ وهندي راند ۾ گهيرجي ويا، ۽ حق ۽ سچ جي دين ۽ باطل خلاف پنهنجي حصي جي جنگ ڪرڻ بعد، جڏهن ذوالجناح جي زين تان هيٺ زمين تي آيا، تہ مير انيس پنهنجي "شامِ غريبان" واري مرثيي ۾ هيئن دانهن ڪئي آهي:

"انيس سئو هين زخم، تنِ چاڪ چاڪ پر،
زينب عہ نڪل حسين تڙپتا هي خاڪ پر."


تڏهن هتان، سنڌ منجهان اسان جي سيد ثابت علي شاهہ هي آواز بلند ڪيو:

"وا حسرتا! بہ صبح يتيمان ڪربلا،
وا غربتا بہ شامِ غريبان ڪربلا!"

۽ پٽ تان، پٽائي گهوٽ مٿي تان ڪاري ڪلاهي لاهي، ان کي ڌرتي تي سٽيندي هيئن صدا ڏني:

"مون کي مارائين، اديون اونداهي ڪري!"

۽ سيد الشهداءِ جن جي ان بي مثال قربانيءَ تي ياس يگانہ چنگيزيءَ ڪيڏو نہ امام حسين عہ جن کي هي عظيم خراج پيش ڪندي چيو آهي:




ڊوب ڪر پار اتر گيا اسلام،
آپ ڪيا جانين ڪربلا ڪيا هي!

...تہ بس! اي عزادارن امام! امام حسين عہ جن جي ڏهي دوران "مجلس نما" پنهنجي هن ڪالم ۾، اڄ مون اوهان تي پنهنجي زحمت تمام ڪئي ۽ اڄوڪي هي حشر جو جيڪو سوڳوار سج هن وقت آسمان تي نمودار آهي، نهايت تيزيءَ سان شامِ غريبان جي اداسين ۾ غروب ٿي وڃڻ وارو آهي ۽ نهايت جلد شام جي وڏنڊڙ پاڇولن ۾ ڪربلا جي بي سر و سامان مسافرن جون آهون... جناب سڪينہ سلام الله عليها جون پڪارون، فضائن ۽ ڏسائن ۾ ٻُرڻ واريون آهن ۽ سپاڻي صبح جو يارهين محرم الحرام تي مظلوم شهزادين جو قافلو اٺن تي سوار ٿي انهيءَ ساڳئي بيابان جي وچ مان لنگهڻ وارو آهي، جنهن ۾ هر طرف شهيدن جا ۽ شهزادن جا، بي گور و ڪفن لاش ٽڙيل پکڙيل نظر ايندا ۽ بي شڪ تہ مديني کان مولا حسين عہ جن جي حسيني قافلي جو سفر گهڻو اذيت ناڪ هو، پر هاڻي ڪربلا کان ڪوفي ۽ ڪوفي کان شام لاءِ روزانہ ٿيندڙ، هن غريب الوطن ۽ غريب الديار قافلي کي اڃا وڌيڪ پيڙائون ڏسڻيون ۽ برداشت ڪرڻيون آهن. عبيدالله عليم جو انهيءَ پسمنظر ۾ هي شعر ڪيڏو نہ "حسبِ حال" آهي:

اِس قافلي ني ديکهہ ليا ڪربلا ڪا دن،
اب رهہ گيا هي شام ڪا بازار ديکهنا!

۽ عزادارن امام! ڪربلا ڪارِ زار مان لٽجي، ڦرجي ڪوفي ۽ شام ڏانهن ويندڙ ان قافلي وارن جي غَم ۾ آئون پنهنجي قلم جو ڪنڌ هاڻي جهڪايان ٿو ۽ امام حسين عہ جن جي محبن ۽ عزادارن کان ايندڙ سال تائين موڪلايان ٿو...۽ دل ۾ چوان پيو: سلام اي مولا عہ ڪربلا جا بي سوار ذوالجناح، السلام! الوداع اي ايلي گهاٽ جا جهولا....۽ الله حافظ، اي گل شاهہ سرڪار جي مينديءَ جا وارثو ۽ ماتاميو، شال جيئو ۽ جيئندا رهو، جماعتن جي جهولي جا محافظو شال شاد آباد هجو، سڄي دنيا ۾ موجود عزاداريءَ جا پاسبانو....۽ سلام قبول ڪريو، مون ناچيز جو، اي مولا حسين عہ جن جي مجلسن جا خطيبو، مرثيہ خوانو، سوز خوانون، سينہ زني ۽ زنجير زني ڪندڙ ماتاميو....۽ سڄي دنيا ۾ موجود پڙائيو، دعاڳو آهيان آئون اڄ اوهان سيني جو تہ شال اوهان کي ڪو، ڪوسو واءُ نہ لڳي....۽ الوداع! اي منهنجي شهر جون سوڳوار فضائو، مغموم هوائو،

بچي جو اگلي برس هم هين اور يہ غم پهر هي،
جو چل بسي تو يہ اپنا سلامِ آخر هي! ■

# ڪربلا، ادب ۽ ڪلچر



**هونئن تہ سنڌي ادب جون لڳ ڀڳ هڙئي صنفون ڪربلا جي ايثار ۽ ساڃاهہ سان ڀريل آهن، پر سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ان موضوع ڪان سواءِ پنهنجي سڃاڻپ ئي مڪمل نہ ٿي ڪري سگهي. سچ اهو آهي تہ سنڌي شاعري ڪربلا ڪان رڳو متاثر ئي ناهي ٿي، پر ڪربلا جي مضمون سنڌي شاعريءَ کي ڪيترين ئي اَمُلهہ صنفن سان سينگاريو پڻ آهي. سنڌي شاعريءَ جي جائزي مان اها ڳالهہ پڌري نظر اچي ٿي تہ سلام، مرثيو، نوحو ۽ منقبت جهڙين صنفن جي تخليق ڪربلا ڪان سواءِ ممڪن ئي ڪونہ هئي.**



ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي

ڪربلا جو واقعو انساني تاريخ جو هڪ غير معمولي واقعو آهي. ان واقعي ۾ انسان ۽ انسانيت لاءِ ڪيترائي حيران ڪندڙ ۽ ڳڌو ڳڌ اخلاقي سبق سمايل آهن. هن واقعي اسان جي زندگيءَ جي هر پاسي، جهڙوڪ: عقيدن، عبادتن، سياست، تاريخ، اخلاقيات ۽ سماجي، علمي ۽ ثقافتي معاملن تي بيحد گهرا اثر ڇڏيا آهن. علم ۽ ادب بہ ان ڪان اثر وٺڻ ڪان نہ رهي سگهيو آهي. دل کي ڌوڏيندڙ ان سانحي اديبن ۽ شاعرن جي تخيل کي ڪشادگي ڏني آهي ۽ کين هڪ نئون تخليقي ڳُس وٺرايو آهي. ائين ڪٿي چئجي تہ هر سرجڻهار ڪربلا جي واقعي مان فڪري لاٽ حاصل ڪئي آهي.

ڪربلا رڳو ڏک ۽ پيڙا جي هڪ ڳَٿا ئي ناهي، پر زندگي ۽ ڪائنات جي رازن ۽ رمزن جي معرفت ماڻڻ جي ڏس ۾ هڪ بيمثال اخلاقي ۽ تربيتي مخزن پڻ آهي. الله پاڪ جي اطاعت، حق پروري، حق گوئي، ذات جو عرفان، انساني حقن جي سڃاڻپ، ڪردار جي شرافت، صبر، ايثار ۽ ڏاڍ خلاف دائمي ثابت قدمي جهڙا اعليٰ انساني قدر ڪربلا جي مڪتب جا اُهي بنيادي سبق آهن، جيڪي شخصي زندگيءَ ڪان وٺي معاشرتي زندگيءَ تائين سماج جي هر پاسي تي اثرانداز ٿيا آهن.

هونئن تہ سنڌي ادب جون لڳ ڀڳ هڙئي صنفون ڪربلا جي ايثار ۽ ساڃاهہ سان ڀريل آهن، پر سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ان موضوع ڪان سواءِ پنهنجي سڃاڻپ ئي مڪمل نہ ٿي ڪري سگهي. سچ اهو آهي تہ سنڌي شاعري ڪربلا ڪان رڳو متاثر ئي ناهي ٿي، پر ڪربلا جي مضمون سنڌي شاعريءَ کي ڪيترين ئي اَمُلهہ صنفن سان سينگاريو پڻ آهي. سنڌي شاعريءَ جي جائزي مان اها ڳالهہ پڌري نظر اچي ٿي تہ سلام، مرثيو، نوحو ۽ منقبت جهڙين صنفن جي تخليق ڪربلا ڪان سواءِ ممڪن ئي ڪونہ هئي.

تصور ۽ تاريخ تي آڌارڪ ڪهاڻيون جڏهن ڪنهن قوم جي هڪ پيڙهيءَ ڪان ٻي پيڙهيءَ تائين منتقل ٿينديون آهن يا ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ پڌريون ٿينديون آهن، تہ پوءِ اهڙيون ڪهاڻيون انهن قومن جي تهذيب ۽ ڪلچر جو حصو بڻجي وينديون آهن. تنهن ڪري دنيا ۾ ڪيتريون ئي لوڪ ڪهاڻيون ۽ گهڻا ئي لوڪ گيت اهڙين شخصيتن جي ذڪر سان ڀريل هوندا آهن، جن پنهنجي ڪنهن نہ ڪنهن خوبيءَ سببان قوم ۾ هڪ دائمي اثر ڇڏيو هوندو آهي.

اهڙن شخصيتن ۽ سندن ڪارنامن جو ذڪر وَرَ وَرَ ٿيندو رهندو آهي ۽ سندن يادون ملهايون وينديون آهن، جو سندن زندگي ماڻهن لاءِ هڪ مثال جو درجو رکندي آهي. اهڙيون يادون ادب جو هڪ اَڻ ڇڄندڙ حصو بڻجي وينديون آهن. اديب ۽ شاعر انهن کي پنهنجن انهن لفظن ۾ بيان ڪندا آهن، جن ۾ صفتن جو هجڻ بيحد لازمي هوندو آهي ۽ انهن مان هڪ صفت مبالغو بہ هوندي آهي. جيڪا قوم جي ڪلچر ۽ ادب جي واڌ ويجهہ ۾ تمام گهڻي مددگار ثابت ٿيندي آهي. جيئن ونڊل هيرس پنهنجي ڪتاب، ”برطانيا ۾ اوڻيهين صديءَ جو مختصر فڪشن“ ۾ لکيو آهي تہ. ”ڪهاڻي هڪ اهڙو ادبي فارم آهي، جيڪو مبالغي ڏانهن گهڻو لاڙو رکندو آهي ۽ ماضيءَ جي تخليق جي عمل ۾ وقت جو ايجنٽ هوندو آهي.“ تنهنڪري اهڙين ڪهاڻين ۽ انهن ۾ آيل شخصيتن، واقعن ۽ يادن کي ميسارڻ جي ڪوشش ڪرڻ يا انهن کي وسارڻ، رڳو ان بنياد تي تہ منجهن لکت جي سونهن ۽ صفت مبالغو شامل آهي، ڪنهن قوم جي ادب ۽ ڪلچر سان دشمني ڪرڻ وانگر آهي.

63 هجريءَ ۾ ڪربلا جي ميدان تي جيڪو دردناڪ سانحو ٿيو، تنهن عرب ۽ غير عرب قومن جي تاريخ کي بنهہ بدلائي ڇڏيو. سياسيات، نظرين، اخلاقي قدرن ۽ علم ۽ ادب ۾ ان واقعي اهڙي تہ جاءِ والاري، جنهن جو مثال اسان کي انساني تاريخ ۾ ڪٿي بہ نہ ٿو ملي. عالمن ۽ اديبن ان سانحي جي مختلف پاسن تي تحقيق ڪئي ۽ ان کي مذهبي، علمي ۽ فقهي رنگ ڏنو، سوچيندڙ دماغن ان جي منطقي ۽ ارضي پاسن کي اجاڳر ڪيو ۽ دل وارن ان جي روحاني ۽ جذباتي اثرن کي پڌري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مطلب تہ ڪوبہ اهڙو طبقو ڪونہ هو، جنهن ان واقعي جي ڪنهن نہ ڪنهن پاسي جو اثر قبول نہ ڪيو هجي. جيئن تہ ڪربلا جو داستان مظلومن ۽ ظالمن جي باب ۾ مظلومن جي بهادري ۽ حق پرستيءَ تي آڌاريل هو.

انسان، انفرادي يا اجتماعي طور تي ڪٽي ڪيڏو بہ ظالم ڇو نہ هجي، ظلم ڪان نفرت ضرور ڪندو آهي ۽ پڻ منافقت کي اخلاقي برائي سمجهندو آهي. اهوئي سبب آهي جو هُو ظالمن جي دفاع ۾ ڪڏهن بہ سوڀارو ناهي ٿيندو. ماڻهن جو وات بند ڪرڻ لاءِ خزاني جا وات کولي سگهجن ٿا، وظيفا ڏئي سگهجن ٿا ۽ مفسر ۽ مورخ مقرري ڪري سگهجن ٿا، پر ملامت ڪندڙ ضمير خود يقينيءَ کي دوکو ناهي ڏيندو. جيڪڏهن خود يقيني ناهي هوندي تہ پوءِ ٻين کي قائل ڪري سگهجي ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي جو مڙني ڪوششن جي باوجود ڪربلا جي ڪهاڻي ۽ امام حسين عہ جن جو نالو عرب، ايران، هندستان، بنگال ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ ماڻهن جي ڪلچر سان اهڙو تہ سلهاڙجي ويو جو اهو ڪنهن هڪ فرقي تائين محدود نہ رهيو.

ڪٿي اهو عيسائين جي قلم مان ”ڪربلا جي ظلم جو داستان.“ ڪٿي زين العابدين عہ جن جي شان ۾ بني اُميہ جي درٻاري شاعر فرزدق جي قصيدي جي شڪل ۾ ادبي تاريخن جو حصو بڻيو. ڪٿي شاهہ لطيف ڪيڏارو ڏنو. ڪٿي تصوراتي آرٽ جي شڪل ۾ گهرن، هوٽلن، اوطاقن ۽ خانقاهن جي سونهن بڻيو. ڪٿي سماع جي محفلن ان کي تقديسي فن طور پيش ڪيو. ڪٿي چمٽن ۽ دَفِن جي آوازن تي مست ملنگن ان کي اڳتي وڌايو. ڪٿي درويشن ان کي تقديسي رقص جو بنياد بڻايو. ڪٿي ماڻهن نوحن ۽ ماتم وسيلي سوڳ ملهايو. ڪٿي شڪليون شبيهون ناهيون ويون، جن تي غير



مسلمن ٻہ پيڻائون پيش ڪيون ۽ ڪٿي وري هندو عورتن ڏکوئيندڙ دوها ۽ بيت ڳائي پنهنجي آواز وسيلي ڪربل ڪٿا ۽ ان جي هيرو جي نالي کي مٿانهون ڪيو. نتيجي ۾ اهو سڀ ڪجهہ اسان جي ڪلچر جو حصو بڻجي ويو ۽ اسان جي قومي ادب ۾، بنا ڪنهن مذهب ۽ ملت جي فرق جي، داخل ٿي ويو. پوءِ اهو واقعو ۽ امام حسين ع جن جو نانءُ سڄي يورپ ۾ ڪيترن ئي عيسائي تاريخ دانن ۽ محققن جي ڌيان جو مرڪز بڻجي ويو.

مسلمان ملڪن ۾ سوين ليکڪن ڪربلا جي سانحي کي پنهنجن مضمونن، ڪهاڻين، ناولن ۽ شاعريءَ ۾ آندو. سندن ڪتابن ۾ ڪربلا جو واقعو، حضرت امام حسين ع جن ۽ سندن گهراڻي جو داستان، سندن حق گوئي ۽ سرفروشي، حضرت زينب رضہ جو يزيد جي درٻار ۾ خطبو، يزيد ۽ سندس درٻارين جي بدگوئيءَ جي جواب ۾ امام زين العابدين رضہ جا ارشادات وغيره ادب جو مُکيہ حصو بڻجي چڪا آهن. مرثيا، سلام، نوحا، قصيدا، مثنويون، مطلب تہ شاعريءَ جي هر صنف ۽ نثري ادب ۾ ننڍي ڪنڌ جي ليکڪن ان واقعي مان اثر ورتو ۽ فيض حاصل ڪيو آهي. عراق ۽ ايران ۾، جتي آرٽ جو وڏو قدر آهي، تصويرون ۽ خاڪا ٺاهيا ويا، جن ۾ ڪربلا جي واقعي جي تمثيل پيش ڪئي وئي.

مان پاڻ کي ان ڳالهہ تي بحث ڪرڻ لائق نہ ٿو سمجهان تہ انهن مڙني ڳالهين اسان جي عقيدن ۽ مذهب کي ڪهڙيءَ ريت سگهارو ڪيو يا نہ ڪيو. منهنجو موضوع رڳو اهو آهي تہ امام حسين ع جن جي شخصيت ۽ سندن قربانيءَ ڪهڙيءَ طرح عمومي تاريخي واقعي کان مٿيرو ٿي ڪري اسان جي ادب ۽ اسان جي ڪلچر ۾ هڪ ڪنسيپٽ (Concept) کي جنم ڏنو.

حضرت امام حسين ع جي شهادت ڪانپوءِ ڪيترائي مسئلا ڪڙا ٿيا. يزيد رڳو هڪ اڻ وڻندڙ ۽ نامناسب ئي نہ، پر هڪ ظالم ۽ اسلام جي دشمن طور اڀري آيو. ان موقعي تي اجتهاد جي فلسفي کي تاريخ دانن ۽ محققن هڪ نئون رُخ ڏنو. ابن خلدون، يزيد کي بُرو ڀلو چوندي تڏهوڪي دور ۽ ان کان پوءِ جي نظرئي جي ترجماني پنهنجي "مقدمي" ۾ ڪئي آهي. حضرت امام حسين ع جن حق پرستي، خدا پاڪ جن جي مرضي ۽ اصولن جي بنياد تي صحيح فيصلو ڪيو هو ۽ بيشڪ هُو شهيد آهن. اهڙيءَ طرح ابن خلدون ججمينٽ يا اجتهاد جي ڪنسيپٽ ڏانهن اشارو ڪيو ۽ ڪنهن تي بہ الزام هڻڻ کان پاسو ڪيو. بهرحال ڪربلا جي واقعي اسانجي تاريخ، اسان جي فلسفي ۽ ادب کي تمام گهڻو متاثر ڪيو.

ڪربلا جي واقعي ڪانپوءِ يزيدي فوج، امام حسين ع جن جي حمايت ۾ ٿيل مديني جي بغاوت کي، جنهن بيدرديءَ سان ڪُچليو ۽ حصين بن نُمير جي ڪمان هيٺ فوج جيڪو قتل عام ڪيو ۽ جيڪو خون وهايو، سو ڪوئي ظالم ئي ڪري ٿي سگهيو، پر اڄ ان ڳالهہ تي آهي تہ يزيد ۽ سندس ساٿارين جو اهو ظالماڻو عمل رڳو تاريخ جي ڪتابن ۾ محفوظ آهي ۽ ان کي اها اهميت ناهي ملي سگهي، جيڪا ڪربلا جي واقعي کي ملي آهي. ايترو ضرور آهي تہ ان واقعي حضرت حسين ع جن جي شهادت ۾ ملوث ظالمن جي دفاع ۽ سندن ڪردار جي ريشنلائيزيشن (Rationalization) جا سڀ دَڳ پيچرا بند ڪري ڇڏيا. ڪربلا جو واقعو تاريخ جي ورقن مان نڪري هڪ دردناڪ ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ هڪ سگهاري روايت بڻجي ويو.

اهو ئي هڪ واقعو اهڙو آهي، جنهن کي هزارين ڪوششن جي باوجود ادب کان ڌار نہ ٿو ڪري سگهجي، ۽ نہ ئي اسان اُها لڪير ڍاهي سگهون ٿا، جيڪا ان واقعي ظالمن ۽ مظلومن جي وچ ۾ قائم ڪئي آهي. اسان لاءِ هاڻي اهو بحث بيڪار آهي تہ ڪربلا جي واقعي کي اسان ڪيئن ٿا ڏسون؟ اها هڪ حقيقت آهي تہ ڪنهن بہ قسم جي ڪا تحريڪ يا عقيدو ان واقعي جي اهيمت کي بنهہ گهٽائي نہ ٿو سگهي. ان جي ياد ملهائڻ جي طريقي ۾ اختلاف ٿي سگهي ٿو، پر ان کي وسارڻ ممڪن ڪونهي، ڇو تہ اهو اسانجي ڪلچر ۽ اسان جي ادب جو حصو بڻجي چڪو آهي. جيستائين اسان جو ڪلچر، اسان جو علم ۽ اسان جو ادب جيئرو آهي، تيستائين ڪربلا جي ڪهاڻي لفظن جا نِت نوان روپ ڌاري جنم وٺندي رهندي. ■



## سنڌي شاعريءَ جي عوامي صنف ”اوسارو“

# اوساروي جو مرڪزي خيال ”پارَ“ مان ۽ اُٽت وارو فن ”سَهري“ مان ورتل آهي

اوسارو نج سنڌ ادب جي قديم صنف آهي، جيڪا صدين کان سنڌ جي عزاداري ۾ رائج آهي. آڳاٽي زماني کان هي اوسارا عورتون پڙهنديون رهيون آهن. جن جي جاءِ نوحي اچي والاري. اوسارو عورتن جي تخليق آهي. ڪنهن قضيي تي عزيز ويهي جڏهن پارَ ڪيندا آهن ته اهي راڄ کي روئاري وجهندا آهن.



مولائي ملاح

تاريخي طور تي ڪربلا جي واقعي ڪانپوءِ شاعريءَ جي اڪثر گهاڙيتن کي عام ڪري حِرت ابوطالب ع جي گهراڻي ۽ خاص ڪري ڪربلا جي شهيدن ۽ انهن جي مِتن، سنگتين ۽ اولاد جي شهادت جون مصيبتون بيان ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ويو. البت سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن بيت کي استعمال ڪندي ”ڪيڏارو“ ايجاد ڪيو ۽ ڪافيءَ جي گهاڙيٽي ۾ ”زاري“ لکي. جڏهن ته هند ۽ سنڌ جي عَروضي شاعرن مُربع (چوستي) ۽ مُسدِس (ڇهه ستي) کي ڪتب آڻيندي ”مرثيي“ جي صنف جوڙي ۽ غزل جي گهاڙيٽي ۾ ”سلام“ صنف کي مروج ڪيو. اسلام جي آمد کان اڳ ۽ پوءِ ڪنهن جي بيگناهه قتل تي مقتول جي مڙهه مٿان ويهي ڏک ۽ شجاعت جو اظهار رثائي صنفن ۾ ڪيو ويندو هيو. پر ان ۾ دليون ڏارڻ جهڙو درد، ڪربلا جي ڪيس ڪانپوءِ پيدا ٿيو. جنهن ڪري هي صنفون رَثائي ادب جو اڻوٽ حصو بڻجي غمِ حسين عليہ السلام جي اظهار لاءِ مخصوص ٿي ويون. جنهن کي عرب محقق جواد شُبر”اَدب طف“ سڏيو آهي ۽ هي سٽون لکندڙ ان کي ”ڪربلائي ادب“ جو عنوان ڏنو آهي.

### سنڌي شاعريءَ ۾ عزاداريءَ جو بنياد

سنڌي شاعريءَ ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ڏک، درد ۽ مصيبتن جو اظهار رڳو مرثيي تائين محدود نه رهيو پر، اهو شاعريءَ جي ٻين صنفن زاري، اوساري، نوحي ۽ رُباعي، فرد، مثلث، مربع، مخمس، مسدِس، ترجيح بند، ترڪيب بند ۽ مثنوي جي گهاڙيٽن ۾ سگهاري انداز سان ٿيڻ لڳو، جيڪو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. غمِ حسين ع جو اظهار جن شاعراڻين صنفن ۾ ٿيو، انهن جا موجد به يقيناً محبِ اهلبيت ۽ عزادار ئي هيا. جن شاعريءَ کي اظهار جو ذريعو بڻائي قضيي ڪربلا کي جهر جهنگ عام ڪري جڳ ۾ عزاداري امام مظلوم جو پيغام پهچايو. اهڙن عزادارن ۾ ”اوساري“ جي نامعلوم شاعرائن کان علاوه شاهه عبد اللطيف ڀٽائي ۽ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي جن جو ڪردار ۽ ڪلام سرِ فهرست ڏسجي ٿو. حضرت عبداللطيف ڀٽائي ۽ سندس رنگ ۾ شاعري ڪندڙ اساَسي شاعرن صوفي صديق فقير اهر واري، غلام محمد خانزئي ۽ ٻين شاعرن عوامي صنفن ۾ شعر چيو، جڏهن ته سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي ۽ سندس پوئواري ۾ وري اڪيچار شاعرن عَروضي صنفن کي وسيلو بڻائي عزاداري امام مظلوم ع جي پيغام کي سگهاري انداز ۾ عام تائين پهچائڻ جا جتن ڪيا.

### ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ لفظ اوساري جو استعمال

ڀٽائي صاحب پنهنجي سُر سورٺ ۽ حسيني ۾ ”اوسارو“ لفظ هن طرح استعمال ڪيو آهي:

1. سَهَسين سورث جهِڙيُون، اُپيون اوسارِين.
2. نَڪي روئِڻَ وارِيُون، نَڪيَ اوسارِين.
3. سورَتِ سَرَتِنِ وِڃَ ۾، ووا اُڀِي اوساري.

### اوسارو ڪيئن تخليق ٿيو ؟

اوسارو صنف جون موجد اهي عزادار عورتون آهن، جن مَٽي ۾ ڪربلا جي مِٽي وجهي مَنجي اونڌي ڪري، نينوا جي شهيدن کي ياد ڪري اکين ۾ آب آڻي، سيني تي هٿ هڻي، درد ڀريءَ دل سان ڏکارو پارُ ڪڍيو. جيڪو شاعراڻي گهاڙيٽي ۾ اچي ”اوسارو“ بڻجي ويو.

اوسارو، جنهن ۾ ڪا خاص فني مهارت رکيل ناهي. اهو تخليق ڪرڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڪا گهڻي مٿا ڪُٽ ڪرڻي نه ٿي پوي. بس هيءَ هڪ دکيءَ ماءُ جي دل مان نڪتل هڪ درد ڀري دانهن، سرد آه آهي، جنهن کي شاعراڻي صنف ۾ اوسارو چيو وڃي ٿو. منهنجي جيوَن ساٿيءَ جڏهن، بيماريءَ جي حالت ۾ مون کي ڪربلا جي شهيدن تي وڏڙين واتان ڪَسابن کان ٻُڌل پارَ ٻڌايا ته، اندر اڌ ٿي پيو، دل ڏري پئي. ان ويل ائين محسوس ٿيو جڻ ڪربلا جو قضيو اڄ ٿيو هجي. ڪربلا وارو سڄو منظر اکين اڳيان هلڻ لڳو.

اوسارو نج سنڌ ادب جي قديم صنف آهي، جيڪا صدين کان سنڌ جي عزاداري ۾ رائج آهي. آڳاٽي زماني کان هي اوسارا عورتون پڙهنديون رهيون آهن. جن جي جاءِ نوحي اچي والاري. اوسارو عورتن جي تخليق آهي. ڪنهن قضيي تي عزيز ويهي جڏهن پارَ ڪيندا آهن ته اهي راڄ کي روئاري وجهندا آهن.

### اوساري جي اُٽت، گهاڙيٽو

اوسارو، عوامي ٻولي ۾ انتهائي سادن لفظن سان سرجيل شاعري آهي. رَثائي ادب جي هيءَ اساسي صنف شاعري جي پارکن ۽ محققن جي نظرڪان اوجهل رهي آهي. هن صنف جي تاريخ ۽ تحقيق جي ڏس، گس لاءِ مون 2022ع ۾ ”مولائي پبليڪيشن محرابپور“ پاران ڪتاب: ”اوسارا“ آندو هو، جنهن کان پوءِ عِلم ۽ ادب جي پارکن کي خبر پئي ته، سنڌي ادب جي هيءَ صنف ڪيتري قديم ۽ تحقيق لائق آهي؛ جنهن تي ڪم ڪرڻ گهرجي.

اوساري جو مرڪزي خيال ”پارَ“ مان ورتل آهي ۽ ان جي اُٽت وارو فن ”سَهري“ مان ورتل آهي. اوساري جو گيت جي صنف جيان ڪو به مقرر گهاڙيٽو ناهي رهيو. لوڪ گيت، لاڏو ۽ ڳيچ ۽ سَهرو وغيره سنڌي لوڪ ادب جون صنفون آهي.



### اوساري جي ابتدا

اوساري جي جنم بابت مستند تاريخ ۽ شاهدي ناهي ملي ته، اهو ڪنهن، ڪڏهن، ڪٿان ۽ ڪيئن شروع ٿيو، پر سَهري جي گهاڙيٽي کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته، اوساري جو جنم سَهري مان ٿيو آهي. اوساري جي فن جي ابتدا بابت هڪ امڪان اهو به آهي ته، قديم زماني ۾ اوسارو سرجڻ جو سفر ڪجهه هن طرح شروع ٿيو هوندو. ضاعفن پاڻ ۾ مِڙي جڏهن سيد ع جا سَهرا چيا هوندا، سندن تخليقي خيالن جي اڏام جو سفر ضرور ڪربلا پهتو هوندو، جتان درد جي آمد ٿي هوندي، پوءِ خيالن جي اهڙي اڏام کي سَهري جي گهاڙيٽي ۾ آڻي اوساري کي جنم ڏنو هوندو، جيڪو اڳتي هلي مصائبي رنگ ۾ تبديل ٿي ويو.

### اوساري جو خيال

هڪ خيال اهو به آهي ته اوساري جو خيال، مارُن جي سَهِري مان ورتو ويو آهي. قديم دور ۾ جڏهن ڪائي ڇوڪري پنهنجي ڪڙم قبيلي کان ڇڄي، ڪنهن ٻئي شهر، ٻي ذات برادريءَ ۾ پرڻجي ويندي هئي يا ڪنهن ڏنڊ چٽيءَ ۾ ڏني ويندي هئي، يا پيار پرڻو ڪري ايندي هئي ته،



تصوير يو ٽيوب تان ورتل

مائٽ پائر، امڙ وغيره ساڻس سالن تائين يا عمر ڀر ملڻ نه ايندا هيا. هوءَ مائٽن، مارن جو مُنهن ڏسڻ لاءِ پئي سڪندي هئي. سندس گهر، پاڙي يا ويڙهي ۾ ڪنهن موقعي تي ڪو ڪدڙو فقير يا لاڏا ڳائڻ واري اچي ويندي هئي ته، اها وَلر کان وڇڙيل عورت سندس ڀِرِ ۾ ويهي ٿڌو ساهه کڻي ان کي فرمائش ڪندي هئي ته، اَئي ادي! اڄ ته ڪو مارُن جو سَهِرو ٻڌاءِ پوءِ سَهِرو شروع ٿيڻ سان هر اک ۾ هزارين نيرَ هوندا هئا. مطلب ته ڏکايل عورتون جڏهن مارن جون ڳالهيون سُرَ ۾ ٻڌڻ جي فرمائش ڪنديون هيون ته، ڪين سائڻ صغرىٰ سلام الله عليها جو وڇوڙو ٻڌايو ويندو هو، جنهن تي هو بي ساخته گريو زاري ڪري دل تان دردن جو بار هلڪو ڪنديون هيون. هونءَ به روئڻ سان دل تان درد جو بار هلڪو ٿيندو آهي. اهڙو هڪ سَهرو منهنجي وَنيءَ پنهنجي امڙ کان ٻڌو هو، ۽ جنهن کي فقير نظير (ڪدڙي) ٻڌايو هو.

اهڙي قسم جي سَهرن جي فرمائش ٻار جي ڇٽيءَ، شاديءَ جي لائن مهل به ڪئي ويندي هئي، جتي هر عورت، ڇاڇيءَ جي اک ۾ هزارين نيرَ هوندا هيا. سَهري ٻڌڻ سان عورتون زار و قطار روئينديون هيون. هنن ڳالهين مان لڳي ٿو ته آڳاٽي زماني ۾ جڏهن اوساري ۽ نوحي جو وجود نه هيو، ان وقت عزادار عورتون عزا جي ڏهاڙن يا عام ڏهاڙن ۾ مِڙي سادات جي ڏکن کي ياد ڪرڻ لاءِ اهڙي قسم جا مارن جا سَهرا چئي گريو زاري ڪري ذڪرِ حسين ع ڪنديون هيون. جنهن اڳتي هلي اوساري جو روپ ورتو. اوساري ۽ مارُن جي سِڪ واري سَهري جي لکت جي انداز، گهاڙيٽي ۽ مضمون ۾ هڪ جهڙائي نظر اچي ٿي. ٻنهي ۾ دردن ۽ ڏکن جون ڳالهيون رقم ٿيل آهن. سَهري ۽ اوساري جي طرز ۾ ساڳيو ئي درد سمايل آهي. صرف وَچت وارين ماترِائن، تارَ ۾ فرق آهي. اصل ۾ نج نبار اوسارو آهي اهو صرف ضائفن ئي لکيو آهي. باقي شاعرن نوحا لکيا آهن.

شاعر اوساري ۾ جيڪا ڳالهه ڪري ٿو، اها پنهنجي طرفان ڪري ٿو ته، سائڻ هيئن ٿي چوي، پر عورت جي اوساري مان اهو واضح ٿئي ٿو ته، سائڻ پنهنجو درد پنهنجي زباني پاڻ پئي ٻڌائي. ضاعفون پنهنجي رچنا ۾ اندر جي ڳالهه انهيءَ ڪردارڪان ڪرائن ٿيون. اهو ئي فرق آهي مرد ۽ عورت جي اوساري ۾ . اوسارو جنهن انداز ۾ لکيل آهي، اهڙي رنگ ۾ ڪو به مڙد شاعر نه ٿو لکي سگهي. هيءَ سنڌي ادب جي عورتاڻي صنف آهي. هن ۾ ضاعفاڻي ٻولي ڪتب آندل آهي، جنهن کي ڪو به مڙد اهڙي انداز سان سمائي نه ٿو سگهي. هيءَ شاعري پڙهڻ ۽ ٻڌڻ مهل اهو واضح ٿئي ٿو ته هي پهاڙ جيڏو درد ڪا عورت ئي آلاپي سگهي ٿي.

راقم الحروف کي هن مهل تائين جيڪي اوسارا مليا آهن، انهن جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته، انهن جي ڪٿي مُنڍ ۾ قافيو، ته ڪٿي وچ ۽ آخر ۾ قافيو ڏنل آهي. ڪي رڳو رديف تي آهن. چئي سگهجي ٿو ته اوسارا سرجيندڙ عورتن کي عَروض يا ڇَند وديا جي ڄاڻ نه هئي، تنهن هوندي به سندن طبع سليم ۽ موزون هئي. بهرحال هنن جيڪو ڪجهه لکيو آهي، اهو سچيءَ دل سان غمِ حسين عليہ السلام جن جي عقيدت ۾ موتين جي مالها جوڙي، ڏکي سائڻ ع جي ٻچڙن جي ڏکن کي اوسارينڊڙن جي فهرست ۾ پنهنجو نالو لکايو آهي. ■

# شڪارپور جا تعزيا

2013ع ۾ استاد امير بخش بابلاڻي جي پوٽي استاد عشاق علي، امام حسين عليه السلام جن جي روضي جون ڪافي شبيهه مبارڪ ٺاهيون. تعزين تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ۽ وڌ ۾ وڌ پنجن ڪان ڏهن سالن تائين ڪم هلي ٿو، جنهن تي 5 لک روپين ڪان 25 لک رپين تائين خرچ اچي ٿو. اهو سڄي جو سڄو ڪم هٿ سان ڪيو وڃي ٿو. ان ۾ در درين، بازارن ۽ گيلرين تي چٽساليءَ جي ناياب ڪم جي ڳالهه ئي نرالي آهي.



نسيم بخاري

شڪارپور جي تعزين جي پنهنجي تاريخ آهي. ڪاٺيءَ جي تعزين جي تاريخ ۾ سنڌ جي بابلاڻي خاندان جو الڳ ۽ اهم ڪردار رهيو آهي. شڪارپور ۾ اهو سلسلو 1971ع تائين جاري رهيو، پوءِ وقت ۽ حالتن سبب اهو بند ٿيو.

محرم الحرام جي ڏهاڙن ۾ يا شهداءِ ڪربلا جي چاليهي تي دنيا جهان جي ماتمي جلوسن جا منظر هجن، عزاداريون هجن يا نوحه خوانيون، انهن سڀني سرگرمين کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي حد تائين هرڪو اهميت ڏيندو آهي، پر انهن جي پويان جيڪي محرڪ ۽ مقصد هوندا آهن، تن جي جاچ جوچ ڪنهن جي ڌيان ۽ خيال ۾ ناهي هوندي. شڪارپور جي، ڪربلا معليٰ ۾ مرحوم استاد امير بخش بابلاڻي جو ٺاهيل تعزيو ان ڪري منفرد آهي جو اهو ڪٺ جيان واڻيل آهي ۽ شڪل صورت ۾ اهو







هندستان جي تاج محل ڪان وڌيڪ سهڻو آهي. ان جي چئني ڪندن ڪان مينار آهن، اڳيان گنبذ ۽ پويان قاصو آهي.

2013ع ۾ استاد امير بخش بابلاڻي جي پوٽي استاد عشاق علي، امام حسين عليه السلام جن جي روضي جون ڪافي شبيهه مبارڪ ٺاهيون. تعزين تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ۽ وڌ ۾ وڌ پنجن ڪان ڏهن سالن تائين ڪم هلي ٿو، جنهن تي 5 لک روپين ڪان 25 لک رپين تائين خرچ اچي ٿو. اهو سڄي جو سڄو ڪم هٿ سان ڪيو وڃي ٿو. ان ۾ در درين، بازارن ۽ گيلرين تي چٽساليءَ جي ناياب ڪم جي ڳالهه ئي نرالي آهي. ڪاٺيءَ جي تعزين ڪان اڳ ۾ چڙين ۽ نڪر جا تعزيه ٺهندا هئا، جن جي ابتدا هندستان ڪان ٿي. شڪارپوري بابلاڻي ماهر ڪاريگرن ڏينهن رات محنتون ڪري تعزيه جوڙيا آهن. انهن تعزين کي امامن جي ڏولي، شبيهه، پڙ ۽ سيج به سڏيو وڃي ٿو. ان کي ڪلهو ڏئي ماڻهو





ڪٽي هلندا آهن. ان دوران جيڪا نوحه خواني ۽ سينا زني ٿيندي آهي، اها عزاداري هڪ طرح سان چڻ ته چوڏهن سَوَ سال اڳ واري غم کي تازو ڪري ڇڏيندي آهي.

اهي تعزيه لوهه، ڪجيءَ جي چڙين ۽ ٻين به ڪيترين مختلف شين مان ٺاهيا ويندا آهن، سچ ته ايشيا کنڊ ۾ شڪارپور جي تعزين جو هڪ الڳ تعارف آهي. انهن جون خوبيون ۽ خوبصورتيون ئي مختلف آهن، جن ۾ هڪ سنجيده سوچ ويچار جو سڏ، سبق ۽ سنيهو ڏنل هوندو آهي. انهن ۾ هڪ سُرَ ۽ صدا آهي، هڪ سمجهه، ساڃاهه ۽ سوجهرو آهي.

انهن تعزين ۾ پهرين ڪاٺي جا گل، بعد ۾ ڪاغذن جا گل ڪتب اچڻ لڳا ۽ هاڻي ڪپڙي جا گل به ٺاهيا وڃن ٿا، جن ۾ گلاب، رابيل، سورج مکي، چنبيلي ۽ مور گل شامل آهن، اهي ايڏا ته دلڪش، نازڪ ۽ نفيس ٿين ٿا، جو ماڻهن کي انهن جي اصلي هئڻ جو گمان ٿيندو آهي.

شڪارپور ۾ اهي تعزيه جڏهن ڪربلا معليٰ، حيدري محلا، پنج پير، شاهه حسين جهنگل شاهه، بچل شاهه، پٽائي جو اوتارو، شيدين جو پڙ ۽ ٻين مختلف جڳهين تان نڪرندا آهن ته سڀني کي پنهنجي سحر ۾ وٺي ڇڏيندا آهن.


تعزين جي تاريخ ۽ تسلسل جنهن تصور ۽ تحريڪ سان جڙيل آهي، اهو جڙاءُ، اهو جهان اهو عزم ۽ اهو حوصلو اهو نظريو ۽ اهو مقصد اها قرباني ۽ اهو صبر اها سيرت ۽ سياءُ آهي، جيڪا پنهنجي سرت ۾ ثابت قدمي، برداشت ۽ اخلاق جي اعليٰ بلندين جا گڻ آڇي ٿي.

شڪارپور جي بابلاڻي ڪاريگرن جي ڪاٺيءَ تي چٽساليءَ وارو ڪم ڏاڍو اهم آهي، پر انهن چاليهه ٻائيتاليهه سالن ۾ رڳو هڪ شبيهه روضه امام حسين ع ٺاهي آهي. ان عرصي ۾ ٻيا به انيڪ ڪم ٿي پئي سگهيا. پر خوش آئيند ڳالهه اها آهي ته ست نوان تعزيه استاد عشاق علي بابلاڻي، استاد محمد منير بابلاڻي جي نوجوان فرزند ۽ استاد برڪت علي جي فرزند سلمان علي بابلاڻي پنهنجي فني صلاحيت سان تيار ڪيا آهن. انهن ڪاريگرن جو چوڻ آهي ته حڪومت ڪاٺ تي نقشڪاري واري ڪم بابت تحقيق ڪرائي پورهيتن جي همت افزائي ڪري. اسان اڳتي وڌي نه سگهيا آهيون، نه ئي هن هنر کي جديد انداز ۾ وڌائي سگهيا آهيون، تنهن ڪري سرڪار اسان جي مدد ڪري. ■

مدد علي سنڌيءَ کان 2023ع ۾ نگران وفاقي سرڪار ۾ تعليم جو وفاقي وزير مقرر ٿيڻ وارن ڏينهن ۾ ڪيل انٽرويو: قسط ـ 3

# ”پنجاب ۽ اسلام آباد ۾ تعليم جو ڪجهه نه ڪجهه معيار آهي، سنڌ ۾ ته اها ختم ٿي وئي آهي“ ـ مدد علي سنڌي

**”ڪرپشن اهو حال ڪيو آهي جو منهنجي آڏو موٽر سائيڪل هلائيندڙ همراهه ڪروڙن جي گاڏين ۾ پيا گهمن. غريب جو ٻار ٻنيءَ ۾ به پيو ڪم ڪري ته اسڪول به پيو وڃي. ان جي تعليم ڪهڙو مٿس اثر ڇڏيندي. هر صوبي ۾ اسڪولن جي اها حالت آهي. ارڙهين ترميم ڪان پوءِ به ساڳيو حال آهي. آخر ڪير ڪندو ڪم؟ ارڙهين ترميم کي به سال گذري ويا، پوءِ به اڍائي ڪروڙ ٻار اسڪول ڪان ٻاهر پيا رُلن. اوهان ڪنهن سيڪريٽريءَ جي آفيس ۾ وڃو، اُتي ڏسو ته ڪيترين نه گاڏيون بيٺل آهن. سنڌن ٻار ڪٿي نه پيا پڙهن! اسان جي ٻارڙن جا گريبان ڦاٽا پيا آهن.“**



انٽرويو وٺندڙ:
عرفان علي انصاري

مدد علي سنڌي صاحب وفاقي وزير جي عهدي جو قسم کڻڻ کانپوءِ هفتي لاءِ هڪ مقامي هوٽل ۾ مقيم هئا ۽ اُتان ئي پاڻ ڪابينه جي پهرين اجلاس ۾ ويا. آئون ۽ حليم سومرو وزيراعظم هائوس تي ساڻس گڏ وياسين. ڪابينه جي اجلاس مان نڪرندي مدد علي سنڌي صاحب ٻڌايو ته، ”وزيراعظم خاص هدايتون ڏنيون آهن ته مدد صاحب کي بنا دير جي بنگلي ۾ منتقل ڪيو وڃي.“ هفتي اندر گهر کي پيهر رنگ روغن ڪيو ويو ۽ گهربل سامان به رکرايو ويو. جنهن شام جو مدد صاحب بنگلي ۾ منتقل ٿيو، ان شام جو ساڻس ٻه سنڌي آفيسر ملڻ لاءِ آيا. هڪڙو ايڇ اي سي جو ملازم هو ۽ ٻيو فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ جو. پنهنجو تعارف ڪرايائون ۽ چوڻ لڳا ته، ”سائين اوهان کي سلام ڪرڻ آيا هئاسين ۽ اوهان کي ڏسڻ جي خواهش هئي.“ همراهه روانا ٿي ويا. ٻئي ڏينهن صبح ساڻ مونکي انهن دوستن مان هڪ جو فون آيو ته، ”سائين ظلم ٿي ويو.






ڪالهه سائينءَ کي سلام ڪرڻ آياسين، اڄ صبح جو منهنجو ٽرانسفر ٿي ويو آهي. مون کان ڪا غلطي ٿي آهي جو مونکي سزا ۾ بدلي ڪيو ويو آهي؟“
مون مدد صاحب سان ڳالهه ڪئي، تنهن تي پاڻ حيرت جو اظهار ڪيائون. چيائين، ”شايد رُوٽين ۾ سندس بدلي ڪئي وئي هجي، نه ڪي منهنجي چوڻ تي. بهتر آهي ته اوهان ڪيس ڇڏيو ته سندس بدلي منسوخ ٿيندي.“ پوءِ ائين سندس بدلي رُڪجي وئي. ٻئي ڏينهن شام جو آئون ۽ مدد صاحب ان ڳالهه تي ڏاڍو کلياسين. پاڻ چيائين، ”ادا هتي ماڻهوءَ جي خبرئي نه ٿي پوي.“
مدد صاحب هميشه چوندو هو ته، ”يار پنجاب ۽ اسلام آباد ۾ تعليم جو پوءِ به ڪجهه نه ڪجهه معيار آهي، سنڌ ۾ ته تعليم ختم ئي ٿي وئي آهي. پرائيويٽ اسڪول ڏنڌي ۾ لڳل آهن. گورنمينٽ اسڪولن جي حالت ابتر ٿيندي ٿي وڃي. ماسترن جي بدلين تي پئسا، مقرريءَ تي پئسا، مطلب هر طرف بيوسيءَ جو جهان آهي.“ ان سلسلي ۾ منهنجي هڪ سوال جو جواب مدد علي صاحب هن طرح ڏنو:
مدد علي سنڌي: آئون اوهان کي هڪڙو مثال ڏيندو هلان ته، 2023ع ۾ حيدرآباد جي ’سِٽي اسڪول‘ ۾ ڇهين ڪلاس جي هڪ نياڻي ڇت تان ٽِپو ڏنو، جنهن جو تعلق ناريجو ڪٽنب سان هو. يقين ڪندئو ته هُوءَ ڇت تي چڙهي وئي، اُتان هيٺ بيٺل ماڻهن کي چوندي رهي ته، ”آئون خودڪشي ڪرڻ واري آهيان.“ هيٺ بيٺل ماڻهو سندس وڊيو ٺاهي رهيا هئا. هُن ڇت تان ٽِپو ڏنو ۽ هيٺ ڪِري مري وئي. تنهن تي مون ان وقت جي سنڌ جي تعليم واري وزير کي صلاح ڏني ته ٽن ڏينهن لاءِ اسڪول بند ڪري ڇڏيو. اسڪول ته بند ٿي ويو ۽ مون ڪين اسڪول انتظاميا لاءِ هڪڙو سوال لکي موڪليو ته، اوهان جي شاگردياڻيءَ ۾ تبديلي اچي رهي هئي، تنهن کي اوهان نوٽ ڇو نه ڪيو؟ اها تبديلي فقط ۽ فقط نشو واپرائڻ جي ڪري ٿي آهي. لاڙڪاڻي ۾ ڪيترين ئي ڇوڪرين خودڪشي ڪئي آهي. ڪا انڪوائري نه ٿي ٿئي. مان اهڙي صورتحال تي هميشه هي شعر پڙهندو آهيان:

بنے ہیں اہل ہیوس مدعی بھی منصف بھی
کسے وکیل کریں کس سے منصفی چاہیں

جيڪڏهن هن دور ۾ به ڇوڪريون پَٽ تي ويهي پڙهي رهيون آهن ته، پوءِ اُهي بئنچن لاءِ آيل 50 ڪروڙ ڪيڏانهن ويا!؟ هاڻي اوهان ان کي ڪرپشن چئو يا ٻيو ڪجهه، پر جيڪڏهن نياڻيون پٽ تي ويهي تعليم حاصل ڪري رهيون آهن، ته تنهن ۾ قصور ڪنهن جو هو؟ اهو پَٽ تي ويهي پڙهڻ جو مثال مان اوهان کي شڪارپور جي اسڪول، جيڪو 1855 ۾ تعمير ٿيو هو، تنهن جو پيو ڏيان. اصل ۾ آئون ان اسڪول تي ڊاڪيومينٽري ٺاهڻ لاءِ ويل هئس. ان ئي اسڪول ۾ شيخ اياز به پڙهيو هو. اسڪول ۾ ڏسان ته نياڻيون پَٽ تي پيون پڙهن. استاد کان پڇيم ته، بئنچون ڪٿي آهن؟ تنهن تي هن وراڻيو ته، سائين بئنچن لاءِ پئسا ئي ناهن ۽ نه ئي وري ڊائريڪٽوريٽ مان گرانٽ ملي ٿي. اسين پنهنجن پئسن مان بئنچون خريد ڪري ٻارن کي ويهاريندا آهيون. هاڻي اندازو ڪريو ته جڏهن ڪرپشن ان عروج تي هجي، پوءِ اوهان جو آئيندو ڪيڏانهن ويندو؟ جنهن به ملڪ ۾ وڃو، پاڪستانين جي بيعزتي ڪن ٿا. دبئي ۾ اوهان ڊپلوميٽڪ پاسپورٽ به کڻي وڃو، تڏهن به اوهان کي روڪي ڇڏين ٿا ته، هي پاسپورٽ صحيح ناهي. هڪ اعليٰ



مارينديسندس ٽنگون ڀڃي ڇڏيون. اهي اُهي ٻارڙا آهن جيڪي اٺ ڏهه هزار روپين جي ادائگي تي ڪم ڪري رهيا آهن.

عملدار کي به تنگيو ڇڏين ۽ لائين ۾ بيهڻ لاءِ چون ٿا. چو ته اُهي سمجهن ٿا ته پاڪستاني پينو آهن. ۽ اسان جو حال اهو آهي جو ڪُرسيءَ تي ويهڻ کان پوءِ سڀ ڪجهه وسريو وڃي. اوهان ڪنهن سيڪريٽريءَ جي آفيس ۾ وڃو، اُتي ڏسو ته ڪيتريون نه گاڏيون بيٺل آهن. سندن ٻار ڪٿي ڪٿي نه پيا پڙهن! اسان جي ٻارڙن جا گريبان ڦاٽا پيا آهن.

**سوال: سائين اسڪولن ۾ سرڪاري طور تي اعلان ڪيو ويو آهي ته تعليم مادري زبان ۾ ڏني وڃي. ڇا اوهان ان حڪمنامي تي عمل ٿيندي ڏسو ٿا؟**

جواب: ادا، اسان جي قومي زبان اردو، دفتري زبان انگريزي، علائقائي زبانون: سنڌي، بلوچي، پشتو ۽ پنجابي آهن. شايد اسان واحد قوم آهيون جنهن کي پنهنجي مادري زبانن جي احساسِ ڪمتري آهي. اها احساسِ ڪمتري اسان ۾ ڇو آهي؟ شايد اسين غريب ملڪ آهيون. ڪرپشن اهو حال ڪيو آهي جو منهنجي آڏو موٽر سائيڪل هلائيندڙ همراهه ڪروڙن جي گاڏين ۾ پيا گهمن. غريب جو ٻار ٻنيءَ ۾ به پيو ڪم ڪري ته اسڪول به پيو وڃي. ان جي تعليم ڪهڙو مٿس اثر ڇڏيندي. هر صوبي ۾ اسڪولن جي اها حالت آهي. ارڙهين ترميم کان پوءِ به ساڳيو حال آهي. آخر ڪير ڪندو ڪم؟ ارڙهين ترميم کي به سال گذري ويا، پوءِ به اڍائي ڪروڙ ٻار اسڪول کان ٻاهر پيا رُلن. اهي اُهي ئي ٻار آهن، جيڪي هوٽلن تي ٿانوَ پيا ڌوئين، گهرن ۾ نياڻيون ٻهارِي پوچو پيون ڪن. راڻيپور ۾ ٻن ٽن نياڻين کي ماريو ويو. لاهور ۾ هڪ گهر جي مالڪياڻي نوڪرياڻي ڇوڪريءَ کي

**سوال: سائين! اوهان وزير تعليم جي حيثيت ۾ ماڻهن سان ملندا آهيو يا اوهان به باقي وزيرن مشيرن وانگر يا بالا عملدارن وانگر ورتاءُ ڪندا آهيو؟**

جواب: منهنجو دفتر شام ستين وڳي تائين کليل رهي ٿو. عام ماڻهوءَ کي اجازت هوندي آهي ته هو اچي ۽ پنهنجو مسئلو بيان ڪري. جيستائين ماڻهو ڪم ۾ پاڻ دلچسپي نه وٺندو، تيستائين ڪوبه ڪم نه ٿي سگهندو. ماڻهوءَ ۾ خوداحتسابي جو عمل هجڻ گهرجي، جيڪو اوهان کي پاڻ کان شروع ڪرڻو آهي. هڪ ڳالهه اوهان کي ٻڌايان ته، اسلام آباد ۾ ڪرپشن تمام گهٽ آهي. بيوروڪريسي ۾ شايد هجي، پر وزير جي آفيس ۾ خدا جو شڪر آهي ته، نه هجڻ جي برابر آهي. مون ان حوالي سان پنهنجو ۽ آفيس جو ڏاڍو خيال رکيو آهي. پر افسوس سان چئي سگهان ٿو ته، ٻين صوبن ۾ لِيڪيج ڏاڍي آهي. بيوروڪريٽ پاڻ کي ڪا ٻي مخلوق سمجهڻ لڳن ٿا. اوهان سيڪريٽري جي آفيس هليا وڃو، اُهي نه ملندا ۽ نه ئي وري آفيس کان ٻاهر نڪرندا. اڄ مون وٽ 15 ماسترياڻيون ۽ ماستر دِي.جِي جي شڪايت ڪٽي آيا ته نه هُو اسان سان ملي ٿو ۽ نه ئي اسان جو مسئلو ٻڌي ٿو... تنهن تي مون ڪيس گهرائي چيو ته، ”اڙي ڀائي تون نواب جو پُٽ آهين جو ماڻهن سان نه ٿو ملين. هي ئي اُهو نظام آهي جيڪو برطانوي حڪومت کان اسان کي ورثي ۾ مليو آهي. ڪجهه ته پنهنجو ورتاءُ بهتر ڪيو.“ هاڻي ته انگريز به هليا ويا پر مجال جو سندن ڪَن تي جُوءِ چُري. منهنجي وس ۾ هجي ته ڪيس معطل ڪري ڇڏيان ها ته جيئن

ماڻهن کي خبر پوي ها ته بدتميزيءَ جو نتيجو ڇا ٿي سگهي ٿو.

جڏهن آئون نئون نئون آيس ته مون کي ٻڌايو ويو ته 227 استادن کي برطرف ڪيو ويو آهي. مون رپورٽ گهرائي ته جيئن چيڪ ڪري سگهان ته ڪين قانون تحت ڪڍيو ويو آهي يا نه. مون کان به ان وقت هڪ غلطي ٿي وئي. مونکي ڪيس چوڻ ڪپندو هو ته، آرڊر



ڊيڪاريو. جڏهن مان سينيٽ ۾ ويس ۽ سوال جواب ٿيا ته هُنن مونکي چيو ته، ڪين برطرفيءَ جو ڪو آرڊر به ناهي نڪتل ۽ اوهان به ان جي ڇڱي ريت ڪوجنا نه ڪئي. سچ ڄاڻو مون کي اُن تي ڏاڍي شرمندگي ٿي. واپس آفيس ۾ اچي ڊائريڪٽر جنرل ڪاليجز کي گهرائي ڪيس چيم، ڀائي تو مونکي غلط معلومات ڇو ڏني؟ جڏهن پڪڙ پڇاڙ ڪيم ته، خبر پئي ته هنن بنا ڪنهن آفيس آرڊر جي ڪين فارغ ڪري ڇڏيو. تنهن تي مون چيومان ته، جيڪڏهن اوهان وٽ آرڊر ناهي ته پوءِ انهن 227 استادن کي بنا دير جي بحال ڪَريو. بلڪ ڪابينا ۾ وڃي سندن بحالي جو آرڊر ڪرايو وڃي. پوءِ مون ائين ئي ڪيو... نه فقط ڪين بحال ڪيو ۽ پوسٽنگ به ڏني. ان کان وڌيڪ آئون عبوري حڪومت ۾ ڇا ٿو ڪري سگهان!

منهنجي دور ۾ ڪوبه استاد مون وٽ آيو ته مون تُرت ان جو مسئلو حل ڪيو، پر شرط اهو آهي ته ماڻهو مون تائين پهچي ۽ پنهنجو مسئلو بيان ڪري سگهي. آئون عوامي ماڻهو آهيان.

**سوال: مدد صاحب، اوهان صحافي به رهيا ۽ اخبارن جا ايڊيٽر به رهيا. ان دوران به ڇا اوهان کي صحافين جي ملازمت ۽ سندن معاوضي جي حوالي سان ڪي مسئلا درپيش آيا؟**

جواب: جيئن اوهان استادن جي ڀرتي ۽ بحالي جو ذڪر ڪيو آهي، اهڙي طرح مان اوهان کي هڪڙو ٻيو مثال ڏيندو هلان... ’هلال پاڪستان‘ پاڪستان جي پهرين اخبار هئي، جنهن ۾ ويج بورڊ جو اطلاق ٿيو هو. اُتي مون تي دٻاءُ وڌو ويو ته صحافين کي نوڪرين مان ڪڍو، پر مون ڪين ملازمت مان نه ڪڍيو. سوال اهو آهي ته صحافين جي لاءِ به قانون موجود آهي. ويج بورڊ ايوارڊ تي بدقسمتيءَ سان اڄ ڏينهن تائين ڪنهن اخبار ۽ چينل مڪمل طور تي عمل درآمد ناهي ڪيو.

جڏهن آئون ويج بورڊ ۾ هوندو هئس ان وقت يعني 1993 ۾ مون وٽ هڪ پٽيوالو ڪم ڪندو هو. سندس پگهار 12000 روپيا هئي، جنهن ۾ هائوس رينٽ ۽ هيلٿ الائونس وغيره شامل هئا. پوءِ ويج بورڊ کي ناڪام بنائڻ لاءِ هڪ يونين ناهي وئي، جيڪا ان وقت جي ايڊمنسٽريشن سان مليل هئي. هنن اخبار کي پرائيويٽائيز ڪرڻ جي تياري ڪري ڇڏي هئي. مون کي چيائون ته، هنن ملازمن کي فارغ ڪريو. مون انڪار ڪري ڇڏيو. مون چيو ته، آئون ڪنهن به شخص جو روزگار نه ڦُريندس، پوءِ پلي مونکي ئي اوهان فارغ ڪري ڇڏيو. آخرڪار هُنن انهن ملازمن کي ڪڍي ڇڏيو. ويج بورڊ ختم ڪيو ويو ۽ اخبار نجڪاريءَ جو شڪار ٿي وئي. اها ساڳي اخبار هئي جيڪا ويج بورڊ جي تحت ڪم ڪندي هئي، جتي هڪ پٽيوالي جي پگهار 12000 هئي. مون سندن حلف برداريءَ جي تقريب ۾ شرڪت ڪئي ۽ يونين وارن کي چيم ته، جنهن ڏينهن اها اخبار پرائيويٽائز ٿيندي، پوءِ ان ڏينهن اوهان جي پگهار 12000 مان گهٽجي 2000 ٿي ويندي... يقين ڪريو پوءِ ائين ئي ٿيو. اڄ يونين جو سيڪريٽري مليو. ڪانئس پڇيم ته، تنهنجي ڪيتري پگهار آهي؟ چيائين 2000 روپيا. مون چيومانس ته، اوهان کي هاڻي سلام ڪرڻ گهرجي. مون اوهان کي اڳ ۾ ئي چيو پئي ته، ايڊمنسٽريشن جي چڪر ۾ نه پئو. اڄ اُها اخبار دِمي تي چڪي آهي. ڪراچي ۾ جيڪا عمارت ان اخبار جي ملڪيت هئي، ان جو هڪ فلور منائي واري پڳڙيءَ تي ورتو آهي. ان پڳڙيءَ جي قيمت 50 ڪروڙ آهي. اها يونين ئي ان اخبار جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻي. ■



# هڪ پيوت مست ڏاند گاڏيءَ اڳيان بيهي ڏاڍي ڪي چوڻ لڳو، ”گهر ڪٽي وڃوس، ڪجهه ڪونہ ٿيندس، خوش ٿي ويندو“

اهو وقت ڪيترو نہ مختصر، خوبصورت ۽ پرسڪون هيو، جڏهن گهر جي ڪشادي اڱڻ تي گلابن ڪي پاڻي ڏيندي بابا جا ٽهڪ گونجندا هئا. سياري جي سرد صبحن ۾ مٽيءَ جي ٿهيل چلهہ ۾ ٻرندڙ ٽانڊن تي هٿ سيڪيندي بابا ريڊيو تي هلندڙ لتا جا گيت ٻڌندي چانهہ پيئندو هو. پنهنجي باغ جي پير ۾ ڪرسي تي ويهي اخبار پڙهندو هو يا ڪوئي ڪتاب. مينهوڳيءَ جي مند ۾ جڏهن ڪڪر ڪارونيار ڪري وسڻ لڳندا هئا تہ بابا لاءِ پلاءُ، تہ ڪڏهن مڇي ۽ چانور ٺاهي ڪٽي ويندي هيس تہ، اهي پل ڪيڏا نہ وڻندڙ هوندا هئا. بابا خوشيءَ مان اهو ڪاڌو کائڻ لڳندو هو. اهو وقت ڪيڏو قيمتي هو، ڪيڏو خوبصورت هو! بابا تمام حساس ۽ معصوم دل رکندڙ انسان هيو، جنهن پنهنجي سڄي زندگي هڪ اهڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ گذاري، جنهن جا ڪچا گهر ۽ انهن ڪچن گهرن جا اڱڻ وڏن ڏگهن وڻن سان ڍڪيل هوندا هئا.

ڪچي رستي تي هلندي ڏاند گاڏيءَ جي ڦيٿن جا چرڙاٽ فضا ۾ مسلسل هڪ ڏڪٽي پيدا ڪري رهيا هئا. رستي جي دل ڌڙڪي رهي هئي. ڪاٺ جي اُن گاڏيءَ تي رکيل پلال مٿان وڇايل رلهي تي هڪ ٻار سُتل هيو، جنهن جي بچڻ جي اميد گهٽ هئي. ان وقت هڪ ماءُ جي



فوزيہ سنڌيلو

دل اندر سوين اُلڪا پلجي رهيا هئا ۽ پيءُ بہ نراسائيءَ مان خالي خالي نظرن سان ان معصوم جي مُنهن ۾ تڪي رهيو هو. تڏهن اوچتو هڪ پيوت مست پنيرو وچ رستي تي ان ڏاند گاڏيءَ اڳيان بيهي چوڻ لڳو، ”گهر ڪٽي وڃوس، ڪجهه ڪونہ ٿيندس، خوش ٿي ويندو.“

ان مست جي لفظن ۽ هٿ جي اشاري نااميد پيءُ جي دل ۾ اميد جاڳائي، جيڪو پنهنجي بيمار پٽ کي طبيب کي ڏيکارڻ پئي ويو. اهو معصوم بيمار ٻارُ منهنجو بابا قربان علي سنڌيلو هيو، جنهن جي بيماري ۽ مست جي ڪيل اشاري بابت اها ڳالهہ مون کي منهنجي وڏي پڦي ارباب ٻڌائي هئي.

هڪ دفعو نہ، پر جڏهن بہ بابا جو ذڪر ڪندي آهي تہ ان مست جي ڪيل هٿ جي اشاري جو ذڪر ڪندي آهي تہ، ايئن لڳندو آهي ڄڻ اهو مست نہ، پر ڪوئي حياتي بخشيندڙ فرشتو هجي، جيڪو نراس پيءُ ۽ ڏکويل ماءُ کي آٿت ۽ پڪ ڏيڻ آيو هجي تہ، هن ٻار کي ڪجهه ڪونہ ٿيندو. واقعي منهنجو بابا ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ بلڪل تندرست ٿي ويو.

جڏهن بہ پنهنجي ان فرشتي صفت بابا تي لکڻ جو سوچيندي آهيان تہ، اذيتناڪ درد ٻانہڙا پائي اچي ذهن تي سوار ٿيندو آهي. لکڻ جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏيندي آهيان، ان جنت جهڙن ڏينهن کي ياد ڪري دل تڙپي پوندي آهي. اهو خوابن جهڙو خوبصورت وقت ايئن اُڏامي هليو ويو، جيئن بابا جو روح جسم کان مسڪرائيندي آسمان جي وسعتن ۾ سمائجي ويو. اهو وقت ڪيترو نہ مختصر، خوبصورت ۽ پرسڪون هيو، جڏهن گهر جي ڪشادي اڱڻ تي گلابن کي پاڻي ڏيندي بابا جا ٽهڪ گونجندا هئا. سياري جي سرد صبحن ۾ مٽيءَ جي ٺهيل چلهہ ۾ ٻرندڙ ٽانڊن تي هٿ سيڪيندي بابا ريڊيو تي هلندڙ لتا جا گيت ٻڌندي چانهہ پيئندو هو. پنهنجي باغ جي پير ۾ ڪرسي تي ويهي اخبار پڙهندو هو يا ڪوئي ڪتاب. مينهوڳيءَ جي مند ۾ جڏهن ڪڪر ڪارونيار ڪري وسڻ لڳندا هئا تہ بابا لاءِ پلاءُ، تہ ڪڏهن مڇي ۽ چانور ٺاهي ڪٽي ويندي هيس تہ، اهي پل ڪيڏا نہ وڻندڙ هوندا هئا. بابا خوشيءَ مان اهو ڪاڌو کائڻ لڳندو هو. اهو وقت ڪيڏو قيمتي هو، ڪيڏو خوبصورت هو!

بابا تمام حساس ۽ معصوم دل رکندڙ انسان هيو، جنهن پنهنجي سڄي زندگي هڪ اهڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ گذاري، جنهن جا ڪچا گهر ۽ انهن ڪچن گهرن جا اڱڻ وڏن ڏگهن وڻن سان ڍڪيل هوندا هئا. ڳوٺ جي چوڌاري سرسبز ٻنيون ۽ انهن ٻنين ۾ زيتونن جا باغ ان جي حسن ۾ اضافو ڪري ڇڏيندا هئا. هڪ طرف دادو ڪئنال وهندو هو، جنهن جي ٻيءَ پر وچڻ لاءِ ٻيڙي استعمال ڪئي ويندي هئي. ان ڪئنال جي ڪناري سان پڻ ڏگها ۽ گهاٽا نم جا وڻ بيٺل هوندا هئا. انهن وڻن جي وڻندڙ ڇانوَ هيٺان، اڳيان وهندڙ دادو ڪئنال جي مٽيءَ هاڻي پاڻي جي وهڪري جي دل لڀائيندڙ موسيقي ٻڌندي بابا ويهي ڪتاب پڙهندو هيو. گهر جي ڳوڙ واري ماحول مان نڪري ڪئنال جي پرسڪون ماحول ۾ ويهي ڪتاب پڙهڻ جو هڪ الڳ ئي رومانس هيو. جتي نم جي وڻن تي ويٺل پکيئڙن جون مٺيون ٻوليون ٻڌي بابا فطرت سان محبت ۾ وڪوڙجي ويندو هو.

فطرت جي اهڙي محبت جي طاقت ڪري ئي بابا ٻنين وچ ۾ بہ ڪچا ڪمرا ٺهرايا هئا، جن جي چوڌاري هڪ وڏي اوڏڪي پت ڏياري هئي. ان گهر جو اڱڻ ڪشادو هيو. اتي بابا قسمين قسمين گل، ٻوٽا ۽ وڻ پوکيا هئا. اڱڻ جو ڪجهہ حصو ڇڏي باقي اڳيان واري حصي ۾ چپر سان گڏ ليمن جا وڻ، املتاس، گل مهر، انب، ڦاروا، ڏاڙهون ۽ ٻئي طرف بيد جا وڻ پوکيا هئا. وچ ۾ خوبصورت سفيد رابيل ۽ گلاب جا ڳاڙها گل پوکيل هئا. مٽي اهڙي جو ڪجهہ پوک تہ ٿورن ڏينهن اندر ئي سهڻا ٻوٽا زمين چيري ٻاهر نڪري جهومڻ لڳندا هئا. ان سائي ڇهچ چپر تي ويهي بابا پنهنجي دوست چاچا بچل سان ڪچهريون ڪندو هو يا ڪڏهن ويهي ڪتاب پڙهندو هو. ڪتابن لاءِ ڪمرن جي پٽين ۾ جاريون ٺهيل هونديون هيون، جتي دنيا جي عالمي ادب کان وٺي سنڌيءَ جا پڻ ڪيترائي ڪتاب رکيل هوندا هئا. انهن ڪليل جارين ۾ رکيل




ساڄي پاسي کان قربان سنڌيلي صاحب جي امڙ، ننڍڙي فوزيہ ۽ قربان صاحب جي جيون ساٿياڻي.

ڪتابن مٿان گهريتڙيون چالاڪيءَ سان گهر ٺاهي ويندڀون هيون تہ ڪجهہ ڪتابن مٿان ٽانيئڙن جا نازڪ گهر ٺهيل هوندا هئا. مان انهن ڪتابن کي هٿ لائي سوچيندي هيس تہ، وڏي ٿي بابا وانگر اهي ڪتاب پڙهنديس.

منهنجي ڏاڏي حاجي ٺارل ۽ ڏاڏي بلقيس بيگم جي وڏي پٽ هئڻ ڪري بابا سڀني گهرڀاتين جي محبتن جو مرڪز هوندو هيو. چاچا ۽ پڦيون بہ ساڻس بيحد محبت ڪنديون هيون. بابا بہ هڪ ذميوار پٽ جيان آخر تائين هر ذميواري نڀائي. منهنجو ڏاڏو، جنهن کي اسان ”بابا حاجي“ سڏيندا هئاسين، روزي نماز جو پابند هوندو هو. ان سان گڏ هو مينهون پالڻ جو وڏو شوقين هيو. مينهن لاءِ دادو ڪئنال جي ٻيءَ پر گاهہ ڪرڻ ويندو هو ۽ مٿي تي گاهہ جون ڏگهيون ڀريون اڪيلو ڪٽي ٻيڙيءَ تي واپس ايندو هو. سندس مينهون سڄي ڳوٺ ۾ مشهور هونديون هيون. گهر ۾ پنهنجي مينهن جو کير هوندو هيو. منهنجي ڏاڏي ۽ امان اسر ويل پکيئڙن جي آوازن سان گڏ اٿنديون هيون. ڏڌ ولوڙينديون ۽ ناشتو تيار ڪنديون هيون. گڏيل وڏو خاندان هڪ ڇت هيٺ ڪيڏي نہ ميٺ محبت سان گڏ رهندو هيو!

جڏهن بابا جا دوست سائين رضوان ۽ چاچا مشتاق گاد ايندا هئا تہ وچ ڳوٺ ۾ ٺهيل اسان جي اوطاق جي اڱڻ تي شام جي پهر ۾ بيدن جي وڻن اڳيان کٽن تي هنڌ وڇايا ويندا هئا. امان ۽ ڏاڏي ماني تيار ڪري موڪلينديون هيون، جنهن ۾ گهر ۾ پاليل ڪڪڙن جي ڀاڄي بہ هوندي هئي.

انهن ئي ڏينهن جي هڪ ايذائيندڙ جهلڪ واچوڙي جيان ذهن کي وڪوڙي وڃي ٿي. منهنجو ننڍڙو ڀاءُ جواد بيمار ٿي پيو هو، جنهن کي لاڙڪاڻي جي هڪ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو، جتي هڪ ڪمرو اسان جي حوالي هوندو هيو، جتي امان، بابا ۽ مان بہ انهن سان گڏ رهندي هيس ۽ بابا سان گڏ چاچا بچل بہ هوندو هيو، جيڪو بابا جو ڀائرن جهڙو دوست هيو. رات جو چاچا اظهار هوندو هيو، جيڪو ڪجهہ وقت لاءِ مون کي ان ڪمري کان ٻاهر وٺي لاڙڪاڻي جا روڊ رستا گهمائي موٽي ايندو هو. پاڙي جون رشتيدار مايون ٻارڙي جي طبيعت پڇڻ لاءِ پيون ڳوٺ کان اينديون وينديون هيون. گهروارن لاءِ اهو هڪ ڏکيو آزمائش جو وقت هيو. منهنجو اهو ننڍڙو، وڏين اکڙين ۽ ڪشادي نرڙ وارو معصوم ڀاءُ جيڪو ڇئن مهينن جي عمر جو هيو ۽ ڊاڪٽرن کي ڏسي روئڻ لڳندو هيو، اهو آنڊي جي انفيڪشن سبب گذاري ويو. بابا ان صدمي



کي خاموشيءَ سان برداشت ڪيو. ان معصوم ننڍڙي ڀاءُ جي پيلي رنگ جي قميص ڪيترائي ڏينهن گهر ۾ پيل هوندي هئي ۽ مان اڪثر ڪٽي ان جي خوشبوءِ محسوس ڪندس هيس. زندگيءَ جو اهو پهريون وڏو ڏڪ هيو، جيڪو اڄ بہ دل کي رهڙي وڃهي ٿو ۽ لفظ سڏڪا ٻڻجي پنن تي وکرڻ لڳن ٿا. ڪجهہ سالن بعد گهر ۾ ٻيهر جواد جو جنم ٿيو، پر پهرين جواد جو درد دل جي ڪنهن خاني ۾ اڄ بہ دکي رهيو آهي.

بابا بي انتها خيال رکندڙ هڪ اهڙو پيءُ هيو، جيڪو اسان جي ننڍڙي ننڍڙي تڪليف تي جلدي بي چين ٿي ويندو هيو. جڏهن ڪو موسمي بخار يا ڪنگهہ ٿي پوندي هئي تہ، بابا طرفان ايترو خيال رکيو ويندو هيو جو دل چوندي هئي تہ جيڪر هر هر بيمار ٿجي. بابا سان گذاريل سٺو ۽ سُکيو وقت واءَ جي جهوٽي جيان گذري ويو. بابا جو اهو خواب هيو تہ، سندس ٻار سٺي تعليم حاصل ڪن ۽ اعليٰ يونيورسٽين ۾ پڙهن. اهي خواب بابا پنهنجي اکين سان پورا ٿيندي ڏٺا. جڏهن منهنجو وڏو ڀاءُ شاهد ڳوٺ جو پهريون ڊاڪٽر بڻيو ۽ جڏهن منهنجو ٻيو ڀاءُ سڄاد Delft1يونيورسٽي نيڌرلينڊس مان پي ايڇ ڊي ڪري واپس آيو تہ بابا چيو تہ، ”اڄ منهنجو ڪنڌ اوچو ٿي ويو آهي.“ ۽ اڄ منهنجو ڀاءُ آصف آمريڪا جي يونيورسي، يونيورسٽي آف جارجيا ۾ پڙهڻ سان گڏ پڙهائڻ لڳو آهي تہ، بابا جسماني طور تہ اسان سان گڏ ناهي، پر يقينن بابا جو روح پنهنجي ڏنل تعليم ۽ تربيت تي مسڪرائي رهيو هوندو ۽ پنهنجي ڪيل جدوجهد مان مطمئن هوندو. ان رستي تي پنهنجي اولاد جي ڀلائڻ لاءِ بابا ڪيتريون نہ تڪليفون ڪاٽيون. ذميندار هئڻ باوجود معاشي مسئلن سان منهن ڏنائين. ڪنڌ پٽ ڪائي اوڌر تي ڪتاب پينون، پينسلون وٺي ڏيڻ ۽ ڪپڙن جي ٻن وڳن ۾ وقت ڪڍي بابا خوابن کي حقيقت جو روپ وٺندي ڏسي سگهيو.

اڄ جڏهن بابا ڪلراٺيل زمين جي هنج ۾ منهنجي ڏاڏيءَ جي پيراندي کان آرامي آهيءِ منهنجي دل اندر ويراني وسي ٿي ۽ بابا کان پوءِ زندگي هڪ پوائنتي پوت جهڙي پيانڪ لڳي ٿي. ■

# ڇا واقعي ڪراچي هاڻي رهڻ جي قابل ناهي رهيو ؟

**1962 ۾ برما مان روهنگيا مسلمانن جو هڪ وڏو انگ پاڪستان آيو، جيڪو ڪراچيءَ ۾ اچي مقيم ٿيو. 1971 جي ڍاڪي ۾ ڪراچيءَ طرف ملڪ جي مختلف صوبن ۽ ٻين ملڪن مان ماڻهن جي لڏپلاڻ شروع ٿي وئي. اوير پاڪستان جي ڌار ٿيڻ بعد بنگالين ۽ بهارين جو هڪ وڏو انگ ڪراچيءَ پهتو. 11 سيپٽمبر 2001 تي نيويارڪ ۽ پينٽاگون ۾ ٿيل حملن (جنهن کي نائن اليون ٿو چئجي) کان پوءِ افغانستان مان افغان پناهگيرن جو هڪ وڏو تعداد ڪراچيءَ ۾ وارد ٿيو. ائين ڏسندي ئي ڏسندي ڪراچي شهر جو نقشو بدلجي ويو.**



وسيع الدين جوڻيجو

اهو 1960 وارو ڏهاڪو هئو، جڏهن مان ڪجهه سمجهه ڀريو ٿيو هئس. ڪراچيءَ ۾ منهنجا ناناڻا (ماسيون ۽ ماما) رهندا هئا. موڪلن ۾ گهمڻ لاءِ اڪثر اسان جو ڪراچيءَ اچڻ ٿيندو هئو. جڏهن ڪراچي گهمڻ جو پروگرام ٺهندو هئو، تڏهن اسان جي خوشي ڏسڻ وٽان هوندي هئي. ڪراچيءَ ۾ سمنڊ، هل پارڪ، ڪياماڙي ۽ چڙيا گهر (گانڌي گارڊن) اسان جي لاءِ تمام گهڻي ڪشش جو باعث هوندا هئا. خريداريءَ لاءِ بوهري بازار کي مرڪزي حيثيت حاصل هوندي هئي، جتي اڪثر مقامي انگريز، پارسي، بوهري، اسماعيلي ۽ پاڻيءَ وارن جهازن جا غير ملڪي جهازران جٿن جي صورت ۾ خريداري ڪندي نظر ايندا هئا. گلشن اقبال، گلستان جوهر، نارٿ ناظم آباد ، نيو ڪراچي ۽ ڊفينس وارن علائقن جو وجود ڪونه هئو. روڊن تي ٽريفڪ تمام گهٽ هوندي هئي. فيملي وڏي هجڻ جي صورت ۾ وڪٽوريا بگي استعمال ڪئي ويندي هئي، جنهن جو ڪرايو ٽيڪسين کان گهٽ هوندو هئو. صدر جي آسپاس سفر ڪرڻ لاءِ ٽرام هلندي هئي. آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ عمارتن جو ڪو وجود نه هئو. بندر روڊ (ايم اي جناح روڊ) تي به ڪان ٿي منزله عمارتون هونديون هيون.

ڪراچيءَ جو هوائي اڏو تمام گهڻو مصروف سمجهيو ويندو هئو، جتي آمريڪا ۽ يورپ جون ڪيئي اڏامون اينديون ويندريون هيون. موسم جي حوالي سان ڪراچي سنڌ جو بهترين شهر سمجهيو ويندو هئو. آسمان تي ساموندي بادلن جو راڄ هوندو هئو ۽ اڪثر ڪَڻ ڪَڻ وسندي رهندي هئي. 1962 ۾ برما مان روهنگيا مسلمانن جو هڪ وڏو انگ پاڪستان آيو، جيڪو ڪراچيءَ ۾ اچي مقيم ٿيو. 1971 جي ڍاڪي ۾ ڪراچيءَ طرف ملڪ جي مختلف صوبن ۽ ٻين ملڪن مان ماڻهن جي لڏپلاڻ شروع ٿي وئي. اوير پاڪستان جي ڌار ٿيڻ بعد بنگالين ۽ بهارين جو هڪ وڏو انگ ڪراچيءَ پهتو. 11 سيپٽمبر 2001 تي نيويارڪ ۽ پينٽاگون ۾ ٿيل حملن (جنهن کي نائن اليون ٿو چئجي) کان پوءِ افغانستان مان افغان پناهگيرن جو هڪ وڏو تعداد ڪراچيءَ ۾ وارد ٿيو. ائين ڏسندي ئي ڏسندي ڪراچي شهر جو نقشو بدلجي ويو.

تيزيءَ سان وڌندڙ آباديءَ جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪا به ٺوس رٿابندي نه ڪئي وئي. رهائش لاءِ گهڻ منزله عمارتن جي تعمير شروع ٿي وئي، جن شهر کي ڪنڪريٽ جو جهنگل بڻائي ڇڏيو. پاڻي، گئس، بجلي ۽ وڌندڙ ٽريفڪ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪي به جوڳا اپاءَ نه ورتا ويا. هڪ گهر جي جاءِ تي 50 فليٽ ٺهي ويا، جڏهن ته پاڻي ۽ سيوريج جون لائينون ساڳئي هڪ گهر واري گنجائش جون هيون. جنهن روڊ تان ڏينهن ۾ سؤ گاڏيون لنگهنديون هيون، اتان هزارين گاڏين لنگهڻ شروع ڪيو. انساني آباديءَ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ فيڪٽريون لڳڻ شروع ٿي ويون. وڌندڙ آباديءَ جي نتيجي ۾ ماحولياتي گدلاڻ پڻ وڌندڙ لڳي، جنهن ماحول کي تمام گهڻو متاثر ڪرڻ شروع ڪيو. آباديءَ جي تناسب سان ڪراچيءَ ۾ روزگار جا ذريعا ۽ سياسي استحڪام نه هجڻ ڪري امن و امان جي صورتحال پڻ خراب ٿيڻ شروع ٿي، جنهن ۾ ڏينهون ڏينهن واڌ ايندي وئي.

ڪجهه ڏينهن اڳ برطانيا جي ”ايڪنامڪ انٽيليجنس يونٽ“ جي مرتب ڪيل هڪ تحقيقي رپورٽ شايع ٿي آهي، جنهن ۾ دنيا جي 174 شهرن جي قابل رهائش هجڻ متعلق ڄاڻ ڏني وئي آهي. ان رپورٽ ۾ مرتب ڪيل فهرست مطابق ڪراچي 171هين نمبر تي رهيو. ساڳئي اداري طرفان 2024 ۾ مرتب ڪيل فهرست ۾ ڪراچي 169 نمبر تي هئو. اها رپورٽ امن و امان جي صورتحال، بنيادي سهولتن (جن ۾ تعليم ۽ صحت شامل آهن)، ماحول، سستي رهائش، بنيادي ڍانچي، صاف هوا، صاف پاڻي ۽ بجليءَ جي فراهمي، روزگار، ٽرانسپورٽ، ساوڪ ۽ شهري رٿابندي جي بنياد تي تيار ڪئي ويندي آهي. بدقسمتيءَ سان ڪراچي شهر انهن سڀني شين کان محروم ٿي رهيو آهي. سنڌ حڪومت کي گهرجي ته اها انهن مسئلن تي وڌ ۾ وڌ ڌيان ڏئي ۽ هنگامي بنيادن تي نيڪ نيتيءَ سان هن شهر کي رهائش جي لائق شهرن جي فهرست ۾ سڀ کان مٿي آڻڻ جي ڪوشش ڪري. حڪومت مخالف ڌرين ۽ عوام تي به اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته اهي هن ڪم ۾ حڪومت سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هن شهر کي دنيا جي بهترين ۽ قابلِ رهائش شهرن جي صف ۾ بيهارين. ■



ميري ويڌر ٽاور

**ڪجهه ڏينهن اڳ برطانيا جي ”ايڪنامڪ انٽيليجنس يونٽ“ جي مرتب ڪيل هڪ تحقيقي رپورٽ شايع ٿي آهي، جنهن ۾ دنيا جي 174 شهرن جي قابل رهائش هجڻ متعلق ڄاڻ ڏني وئي آهي. ان رپورٽ ۾ مرتب ڪيل فهرست مطابق ڪراچي 171هين نمبر تي رهيو. ساڳئي اداري طرفان 2024 ۾ مرتب ڪيل فهرست ۾ ڪراچي 169 نمبر تي هئو.**



ٽي تلوار، ڪلفٽن ڪراچي (2015)

### شاگردن جي لاءِ راندين ڇو ضروري آهن؟

# هڪ ڏينهن اسڪول جي انتظاميا مون کي چيو ته: 'مون شاگردن کي راند ڪيڏڻ جي موڪل ڇو ڏني؟'

**جڏهن مختلف صلاحيتن جا ٻار هڪ ٽيم ۾ ڪيڏن ٿا ته هُو هڪٻئي جي ڪمزورين کي درگذر ڪري، هڪٻئي کي همٿائيندي نظر ايندا آهن. سيني کي پاڻ سان گڏ کڻي هلندا آهن ۽ تعاون وارو ماحول پيدا ڪندا آهن.**





سرمد ڪوسو

جيئن ماڻهوءَ جي ذهني صحت لاءِ مطالعو اهم آهي، تيئن هر ننڍي وڏي جي جسماني صحت لاءِ رانديون تمام گهڻيون ضروري آهن. خاص طور تي رانديون ڪيڏندڙ ٻارن جي جسماني صحت بهتر ٿيندي آهي. ان سان گڏ انهن جي ذهني صحت تي به سُٺا اثر پوندا آهن. آئون اڪثر اها ڳالهه ڪندو آهيان ته اسان پنهنجي شاگردن کي راندين جا ميدان ۽ لائبرريون ڏيون، ته پوءِ ڏسون ته هُو ڪيئن ٿا پنهنجيءَ ڀرپور صلاحيتن جو مظاهرو ڪن. ٻارن لاءِ رانديون ڪيڏڻ جا ڪجهه اهم فائدا هي ٿي سگهن ٿا.

**1. جسماني ۽ ذهني صحت جو بهتر رهڻ:**
راند روند ڪندڙ ٻار جسماني ۽ ذهني طور تي تندرست رهي ٿو. اهو ٻار مزاج ۾ به خوش رهي ٿو ۽ وڌيڪ ڦڙت نظر اچي ٿو. اهڙي طرح هو نفسياتي طور تي به بهتر رهي ٿو. جڏهن ته اُهو ٻار جيڪو راند روند ۾ حصو نٿو وٺي، سو اسان کي اڪثر مايوس ۽ سُست نظر ايندو آهي.

**2. گڏجي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ۾ اضافو:**
جڏهن مختلف صلاحيتن جا ٻار هڪ ٽيم ۾ ڪيڏن ٿا ته هُو هڪٻئي جي ڪمزورين کي درگذر ڪري، هڪٻئي کي همٿائيندي نظر ايندا آهن. سيني کي پاڻ سان گڏ کڻي هلندا آهن ۽ تعاون وارو ماحول پيدا ڪندا آهن.

**3. وقت جي پابندي ڪرڻ:** جيئن هر ڪم جو وقت مقرر هوندو آهي، تيئن ڪنهن به راند لاءِ مخصوص ۽ مقرر وقت هوندو آهي، جنهن ۾ ئي ان کي مڪمل ڪرڻو هوندو آهي. سو، راند روند ۾ ٻار وقت جي پابندي ڪرڻ ننڍي هوندي کان ئي شروع ڪري ٿو.

**4. اڳواڻي ڪرڻ ۽ فيصلو ڪرڻ جي صلاحيت ۾ اضافو:**
راندين ذريعي ٻار جي اعتماد ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ هُن ۾ اڳواڻي ڪرڻ ۽ فيصلو ڪرڻ جي صلاحيت ۾ اضافو ٿئي ٿو. نه ته اڪثر ٻارن ۾ فيصلي ڪرڻ جي طاقت ناهي هوندي ۽ هُو سموري زندگي انهيءَ مسئلي مان جان نٿا ڇڏائي سگهن.

**5. زندگي ۾ نظم وضبط پيدا ڪرڻ:**
راندين ۾ قاعدن ۽ قانونن جي پوئواري ڪرڻي پوي ٿي، ان ڪري ٻار نظم وضبط سِکي ٿو، جيڪو ڪيس سڄي زندگي ڪم اچي ٿو.

**6. شڪست کي برداشت ڪرڻ جو حوصلو پيدا ٿيڻ:**
عام طور ماڻهو شڪست کائيندڙ کي چڱي نگاهه سان ناهن ڏسندا ۽ ڪامياب ٿيندڙ جي واکاڻ ڪندا آهن. ايئين اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ به وڏن گريڊن ۽ پهرين پوزيشن کي اهميت ڏني ويندي آهي. مطلب انهيءَ پهرين پوزيشن جي چڪر ۾ اسان ٻار کي رڳو ڪاميابيءَ جوئي ٻُڌايون ٿا. ناڪاميءَ کي برداشت ڪرڻ جو هن ۾ حوصلو پيدا نٿا ڪريون، پر راندين ذريعي اهو ڪم ڪري سگهجي ٿو ته ٻار انهيءَ تڪليف کي برداشت ڪرڻ سِکي وڃي ٿو.

مٿي ذڪر ڪيل فائدن يا اهڙن ٻين فائدن سبب ٻار جي سماجي زندگي به بهتر ٿئي ٿي ۽ هُو اڳتي زندگي ۾ هڪ تندرست ۽ سُٺو انسان ثابت ٿئي ٿو. هاڻي جيڪڏهن اسان اڄوڪي صورتحال تي نظر وجهون ٿا ته ڏاڍو افسوس ٿئي ٿو، جو هاڻي اڪثر ٻار رانديون رڳو موبائيل فون تي ئي ڪيڏن ٿا ۽ پوري دنيا سميت پنهنجو پاڻ کان به بيخبر رهن ٿا. سندن مزاج ۾ رڳو چڙ ۽ غصو هوندو آهي. ٻيو ته هاڻي ٻارن لاءِ راندين جا ميدان ۾ ناهن رهيا. شهرن توڙي ڳوٺن ۾ به ميدانن تي قبضا ٿي ويا آهن ۽ انهن تي عمارتون ۽ ڪارخانا ٺهي ويا آهن. نتيجي ۾ ٻارن ويچارن جو ڪيڏڻ بند ٿي ويو آهي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ به ميدان ختم ٿي ويا آهن ۽ اڄ جي اڪثر خانگي اسڪولن ۾ ته راندين جو تصور ئي ناهي. انهن لاءِ راند ڪيڏندڙ ٻار ڪنهن ڪم جو ناهي.

منهنجي تجربي مان به اهڙا ڪيترائي واقعا گذريا آهن. هڪ ڀيري ته هڪ اسڪول جي انتظاميه مون سان انهيءَ ڳالهه تي سخت بحث ڪيو ته مون هڪ ڪلاس جي شاگردن کي راند ڪيڏڻ جي موڪل ڇو ڏني؟ اڪثر والدين به رانديون ڪيڏندڙ ٻارن تي تمام گهڻي سختي ڪندا آهن. منهنجو مطلب اهو به ناهي ته ٻارُ سڄو ڏينهن پيو راند ڪيڏي، پر جيڪو ٻار جو حق آهي، سو ڪيس ملڻ کپي. اسان ته پڙهائي ۽ تعليم جي نالي ۾ ٻارن کان سندن راند روند جو بنيادي حق به کسي ورتو آهي. منهنجي خيال ۾ ان طرف ڌيان ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ■



## سنڌ جو نالي وارو براڊڪاسٽر امداد خواجه

سنڌ جي نالي واري براڊڪاسٽر امداد خواجه جو جنم 25 مئي (يا 26 مئي) 1937 تي ميرپور بٺوري، ضلعي سجاول ۾ ٿيو. جڏهن ته سندس اباڻيون پاڙون جهرڪ، ضلعي ٺٽي سان جڙيل هيون. امداد خواجه جي والد صاحب مختيارڪار جي حيثيت ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. امداد خواجه ڪراچيءَ جي تاريخي اداري سنڌ مدرسته الاسلام مان ميٽرڪ ۽ حيدرآباد جي سٽي آرٽس ڪاليج مان بي.اي جي ڊگري حاصل ڪئي.

امداد خواجه براڊڪاسٽنگ جي ڪيريئر جي شروعات 1960 ۾ ريڊيو اسٽيشن سپروائيزر جي حيثيت سان ڪئي. ان بعد هن ترقي ڪندي پروڊيوسر، پروگرام مئنيجر، ڊپٽي ڪنٽرولر ۽ ريڊيو پاڪستان جي ڪنٽرولر جي اهم عهدن تي خدمتون سرانجام ڏنيون. هن ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻي، ڊيرا اسماعيل خان، بهاولپور ۽ خيرپور ميرس سميت ريڊيو پاڪستان جي مختلف اسٽيشنن تي اسٽيشن ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو. پنهنجي ڪيريئر دوران امداد خواجه ريڊيو پاڪستان تي ڪيترن ئي عظيم فنڪارن کي متعارف ڪرايو، جن ۾ استاد محمد يوسف، عابده پروين، زرينه بلوچ، علڻ فقير ۽ ٻيا شامل آهن.

امداد خواجه 9 سيپٽمبر 2020 تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو.

# پيٽروليم انجنيئرنگ جي شعبي ۾ پنهنجي ڌار سڃاڻپ ڇڏيندڙ حارث احمد قريشي

حارث احمد قريشي پيٽروليم جي شعبي ۾ تحقيق ۽ پيداواري ٽيڪنالاجي تي تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. اُن حوالي سان سندس لکيل ڪيترائي مضمون ۽ تحقيق لاڳاپيل شعبي جي جرنل توڙي رسالن ۾ ڇپجي چڪا آهن. هُو مضمون لکڻ سان گڏ هڪ شاندار محقق بہ آهي، جنهن تعليمي ڪانفرنسز ۾ هڪ ماهر طور شرڪت ڪئي آهي. هُو اُڀرندڙ صنعت جي رجحانن ۽ عملن ۾ اڳيرو رهي ٿو.

سليمان راڄڙ



حارث احمد قريشي ملڪ جو مشهور پيٽروليم انجنيئر آهي، جنهن توانائيءَ جي شعبي ۾ جدت آندي ۽ هِن شعبي اندر ڪاروباري ترقي توڙي تحقيق ۾ پنهنجي ڪم ڪي اڳتي وڌايو آهي. سندس خوبي اِها آهي تہ، هي تيل ۽ گيس جي صنعت ۾ آپريشن کي وڌيڪ بهتر بڻائي رهيو آهي.

انجنيئر حارث احمد قريشي پيٽروليم جي شعبي ۾ گذريل ڪيترن سالن کان پنهنجي علم ۽ وسيع تجربي تحت ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن سان اُن تيل جي وصولي واري ٽيڪنالاجي کي وڌائڻ توڙي عالمي سطح تي توانائي جي مسئلي جي حل ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

هِن مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، ڄامشوري مان بيچلر ۽ ماسٽر جي ڊگري وٺڻ بعد پنهنجي عملي ڪيريئر جي شروعات ڪئي ۽ هڪ ڪامياب نوجوان جي صورت ۾ اڳيان آيو. هِن پنهنجي شعبي ۾ هڪ مضبوط ٽيڪنيڪل بنياد جي تعمير ڪئي. حارث احمد کي، سندس تعليمي پسمنظر، تيل ۽ گيس جي شعبي ۾ پيچيده چيلنجز کي حل ڪرڻ ۾ هڪ وڏو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ چونڊيو، جنهن بعد هِن تيل ۽ گيس جي شعبي ۾ ماهر طور متحرڪ ڪردار ڪيو ۽ تيل ۽ گيس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽڊ کان پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ڪئي، جنهن بعد ماري انرجيز لميٽڊ ۾ مقرر ٿيو، جتي ايمانداري سان منظم آپريشن مڪمل ڪرڻ بعد هٽرادو منصوبن کي ڊزائين ڪرڻ ۾ ڪم ڪيائين.ان سان سندس شهرت ترقي يافتہ تخليقي اوزار استعمال ڪرڻ طور ٿي.

ڪاروباري ترقيءَ جي ڏس ۾ حيثيت ۾ حارث احمد قريشي ٽيڪنيڪل ماهر هئڻ سان گڏ ڪاروباري اڳواڻ طور پڻ اڳيان آيو. خاص ڪري السادم آئل سروسز لميٽڊ ۾ ڪاروباري ترقي جي مينيجر جي حيثيت سان هِن سڄي اتر آفريقا ۾ آپريشن کي ڪاميابي سان منظم ڪيو. ترقي جي عمل کي اڳيان وڌائڻ ۽ واپاري دور انديشي سان حارث احمد ۾ ٽيڪنالاجي کي گڏ ڪرڻ جي صلاحيت هئڻ سبب هن مارڪيٽن جي چيلينجز کي منهن ڏيڻ جي سگهہ کي وڌائڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

حارث احمد قريشي پيٽروليم جي شعبي ۾ تحقيق ۽ پيداواري ٽيڪنالاجي تي تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. اُن حوالي سان سندس لکيل ڪيترائي مضمون ۽ تحقيق لاڳاپيل شعبي جي جرنل توڙي رسالن ۾ ڇپجي چڪا آهن. هُو مضمون لکڻ سان گڏ هڪ شاندار محقق بہ آهي، جنهن تعليمي ڪانفرنسز ۾ هڪ ماهر طور شرڪت ڪئي آهي. هُو اُڀرندڙ صنعت جي رجحانن ۽ عملن ۾ اڳيرو رهي ٿو.

انجنيئر حارث احمد پيٽروليم انجنيئرز جي سوسائٽي ايس پي اي سان گڏ مصروف رهي ٿو. ڪيس اهو پڻ اعزاز حاصل آهي تہ انجنيئر هجڻ سان گڏ هُو مختلف واقعن کي جج جي نگاهہ سان ڏسي ٿو ۽ ماڻهن جي خدمت ڪري ٿو. ڪيس اُهو پڻ اعزاز حاصل آهي تہ، هو شاگردن جي مدد ڪرڻ سان گڏ اُنهن جي تحقيقي منصوبن جي نگراني پڻ ڪري ٿو، جيڪي پائيدار توانائي جي طريقن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا.

جيو ٿرمل توانائي تي حارث احمد قريشي جو ڪم توانائي جي پيداوار ۾ مستقبل لاءِ سندس اڳتي وڌڻ واري طريقہ ڪار کي اجاگر ڪري ٿو. اُن حوالي سان هُو چوي ٿو تہ، منهنجي تحقيق تيل جي بحالي کي وڌائڻ، تيل جي بحالي، پيداوار ۽ غير روايتي هائيڊروڪاربن وسيلن تي ڌيان ڏئي ٿي. انهن موضوعن تي منهنجا ڪيترائي مقالا شايع ٿيا آهن. ■

# باڊھ تعلقي لاءِ هليل هڪ ڊگهي تحريڪ

’باڊھ تعلقہ موومينٽ“ جي ڪنوينر ڪامريڊ علي محمد بروهيءَ جو چوڻ آهي تہ، ”گهرن جي ويجهو عوام کي انتظامي سهولتون ڏيڻ حڪومت جي بنيادي فرضن ۾ شامل آهي، تنهن ڪري اسان باڊھ کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ وارو ڪو نئون مطالبو نٿا ڪريون. اڄ جي مهانگائيءَ واري دور ۾ باڊھ ۽ ان جي آس پاس وارن ڏورانهن علائقن جا غريب ماڻهو ڀرا ڪرايا ڀاڙا ڀري تعلقي هيڊڪوارٽر ڏوڪريءَ وڃن ٿا، جيڪا انهن سان زيادتي آهي، تنهن ڪري باڊھ جي شهرين توڙي آس پاس جي ڳوٺن جي ماڻهن جو مطالبو آهي تہ باڊھ کي تعلقي جو درجو ڏنو وڃي. “

علي انور عسڪري












سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي پسمنظر ۾ ڪجهہ اهڙا شهر آهن، جن جو نالو وٺندي ئي جفاڪشي، علم، ادب ۽ سجاڳي جي خوشبوءِ محسوس ٿيندي آهي. انهن ئي شهرن مان هڪ آهي باڊھ، جيڪو لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏاکڻي پاسي تي سنڌ جي تاريخي ماڳ موهن جو دڙو جي اولهہ ۾ ٻارهن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي واقع آهي. باڊھ جي شهرين طرفان هن شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ جيڪا گذريل پنجن سالن کان بي مثال جدوجهد جاري آهي، اها سنڌ جي عوامي تحريڪن جي تاريخ ۾ هڪ روشن باب طور ياد رکي ويندي.

پنج سال اڳ باڊھ سان تعلق رکندڙ سياسي، سماجي، ادبي، صحافتي ۽ ٻين شعبن سان تعلق رکندڙ سڄاڻ شخصن، باڊھ کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ وارو هڪ جائز مطالبو کڻي ”باڊھ تعلقہ موومينٽ“ جو بنياد وڌو، جنهن جو ڪنوينر ڪاڇي ڌر جي اڳوٽي اڳواڻ ڪامريڊ علي محمد بروهيءَ کي چونڊيو ويو. ان پليٽ فارم تان هڪ منظم ۽ پرامن جدوجهد شروع ڪئي وئي. ان ڏينهن کان اڄ ڏينهن تائين هر آچر تي ان تحريڪ جا ڪارڪن، اڳواڻ، نوجوان، مزدور، شاگرد، هاري ۽ واپاري مظاهرا ڪري باڊھ کي تعلقي جو درجو ڏيڻ جو مطالبو ڪن ٿا. ان تحريڪ جا اهڙا احتجاج هن وقت تائين لاڙڪاڻي شهر، ڏوڪري، راڌڻ، ميرو، سڪرنڊ، پٽ شاهہ، حيدرآباد، ملير ۽ ڪراچي پريس ڪلب تي ٿي چڪا آهن. هيءَ جدوجهد رڳو باڊھ سان محبت جو اظهار نہ پر هڪ عوامي حقن جي حاصلات واري پرامن جدوجهد آهي.

سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهہ ۽ توڙي موجوده وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ واعدو ڪيو هو تہ، باڊھ کي تعلقي جو درجو ڏنو ويندو. انهن واعدن جي باوجود اڄ تائين حڪومت ان سلسلي ۾ ڪو بہ قدم نہ کنيو آهي. انهن وعدن جي پوري نہ ٿيڻ سان روش خيال ماڻهن ۾ بيزاري، مايوسي ۽ بيچيني وڌي آهي.

باڊھ لاڙڪاڻي ضلعي جو ٻيو نمبر وڏو شهر آهي. چوڏهن وارڊن تي مشتمل ان شهر جي آبادي هڪ لک کان بہ وڌيڪ آهي. علم، ادب، واپار، زراعت، ۽ پورهئي جي حوالي سان باڊھ جو هڪ نمايان مقام آهي. شهر جا دڪاندار، شاگرد، هاري، مزدور، استاد ۽ ملازم، سڀ متفق آهن تہ باڊھ کي تعلقي جو درجو ملڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ تعلقي ٿيڻ سان انتظامي سهولتون وڌنديون، ترقيءَ جا در کليل ٿيندا، ۽ بيروزگاري گهٽبي.

اهو هڪ حيرتناڪ تضاد آهي تہ ڪراچيءَ جي ڪيماڙي کي بنا ڪنهن عوامي مطالبي جي ضلعي جو درجو ڏنو ويو، پر باڊھ، جيڪو گذريل پنجن سالن کان مسلسل احتجاج ڪري رهيو آهي، ان کي اڃا تائين تعلقي جو درجو نہ مليو آهي. هيءَ صورتحال صرف انتظامي ناانصافي نہ آهي، پر اها سنڌ جي انتظامي ڍانچن جي غيرمناسب هئڻ جو هڪ عڪس پڻ آهي.

هن تحريڪ جو ڪنوينر ڪامريڊ علي محمد بروهي، ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو، ۽ سينئر صحافي حميد ناز سومرو ڪيترائي ڀيرا چونڊيل نمائندن سان ملاقاتون ڪري اُنهن اڳيان باڊھ تعلقي جو مطالبو بہ رکي چڪا آهن، پر اڃا تائين حڪومت جي ڪنن تي جونءِ بہ نہ سري آهي. باڊھ کي تعلقي جو درجو ملڻ سان نہ صرف باڊھ شهر، پر ان جي آس پاس جي ڪيترن ئي ڳوٺن جي عام ۽ مسڪين ماڻهن جي لاءِ انتظامي سهولتون وڌنديون، پر روزگار جا موقعا پڻ پيدا ٿيندا، تعليمي ادارا بهتر ٿيندا، اسپتالون ترقي ڪنديون، ۽ شهر ترقيءَ جي نئين راهن تي گامزن ٿيندو. هي مطالبو نہ رڳو هڪ علائقي جو، پر ڀرپاسي جي بہ هزارين ماڻهن جو آهي.

باڊھ تعلقہ موومينٽ، حڪمرانن سان ڪنهن بہ سياسي ضد يا دشمنيءَ تي ٻڌل ناهي. هيءَ تحريڪ فقط هڪ عوامي حق، هڪ انتظامي ضرورت، ۽ هڪ محروم شهر جي جائز مطالبي تي ٻڌل آهي.


سنڌ حڪومت کي گهرجي تہ اها پنهنجا واعدا وفا ڪري، ۽ باڊھ کي تعلقي جو درجو ڏئي. اهو رڳو هڪ رواجي نوٽيفڪيشن نہ، پر هزارين ماڻهن جي اميدن، قربانين ۽ جدوجهدن جي قبوليت هئڻ سان گڏ خود سنڌ سرڪار جو پنهنجي عوام کي هر طرح جون سهولتون ڏيڻ واري وعدي جو نڀاءُ پڻ هوندو.

ڪنوينر ڪامريڊ علي محمد بروهيءَ جو چوڻ آهي تہ، ”گهرن جي ويجهو عوام کي انتظامي سهولتون ڏيڻ حڪومت جي بنيادي فرضن ۾ شامل آهي، تنهن ڪري اسان باڊھ کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ وارو ڪو نئون مطالبو نٿا ڪريون. اڄ جي مهانگائيءَ واري دور ۾ باڊھ ۽ ان جي آس پاس وارن ڏورانهن علائقن جا غريب ماڻهو ڀرا ڪرايا ڀاڙا ڀري تعلقي هيڊڪوارٽر ڏوڪريءَ وڃن ٿا، جيڪا انهن سان زيادتي آهي، تنهن ڪري باڊھ جي شهرين توڙي آس پاس جي ڳوٺن جي ماڻهن جو مطالبو آهي تہ باڊھ کي تعلقي جو درجو ڏنو وڃي. “ ■

### ڪتاب: سنڌي ٻوليءَ جون حُسناڪيون _ ليکڪ: ڊاڪٽر بشير احمد "شاد"

# شاهوڪار سنڌي ٻوليءَ جا مختلف خوبصورت پهلو


**سنسڪرت، فارسي، انگريزي، فرانسيسي، جرمن ۽ لاطيني، اِهي پنج زبانون آريائي ٻوليءَ مان نڪتيون آهن. چيني، تاتاري ۽ تُرڪي ٻوليءَ جو تعلق تاتاري خاندان جي ٻولين سان آهي. عربي، عِبراني، سِرياني ۽ قلداني، اِهي چارئي ٻوليون سامي خاندان جون ٻوليون سڏجن ٿيون. "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي ته، "....سنڌ جي قديم ٻولي غالباً ڪا سامي زبانن (عربي، عِبراني، سِرياني ۽ قلداني) جي سٽ مان هئي، جنهن تي پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو."**



پروفيسر مشتاق مهر

سنڌي ٻوليءَ جي نامور مُحقق، خوبصورت شاعر، اَديب، لطيف شناس ۽ سَچل جي پارکو ڊاڪٽر بشير احمد "شاد" جو هيءُ ڪتاب سنڌي اَدب جي بهترين ڪتابن ۾ شمار ٿئي ٿو. جيئن ته ڪتاب جي عُنوان مان ئي آشڪار آهي ته ڊاڪٽر صاحب جي هيءَ تصنيف سنڌي ٻوليءَ جي حُسناڪين يعني اَدبي خوبصورتين بابت آهي. ڪنهن به ٻوليءَ جي حُسناڪين ۾ هونئن ته اِلاهي عُنوان اچي وڃن ٿا، پر ڊاڪٽر بشير احمد "شاد" پنهنجي هن تصنيف کي صرف ٽن وڏن عُنوانن تائين محدود رکيو آهي، جن ۾ سنڌي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جا پَهاڪا ۽ سنڌي ٻوليءَ جا اِصطلاح شامل آهن.

"ڊاڪٽر محبت اَڪيڊمي قنبر" پاران شايع ڪيل هن ڪتاب جي بئڪ ٽائيٽل تي ٽن نامور اَديبن ۽ دانشورن: حَميد سنڌي، اَنيس انصاري ۽ ڊاڪٽر اَدل سُومري جا مختصر تاثرات ڏنل آهن. ڪتاب جو مُهاڳ مذڪور اڪيڊميءَ جي روحِ رَوان، سنڌي ٻوليءَ جي ناليواري مُحقق ۽ لِسانيات جي ماهر محترم رِياضت ٻُرڙي جو تحرير ڪيل آهي، جنهن ۾ ڪتاب ۽ صاحبِ ڪتاب جو تعارف اختصار ۽ جامعيت سان پيش ڪيو ويو آهي. رِياضتَ ٻُرڙي صاحب جو هي مضمون (مُهاڳ) پوري ڪتاب جو آئينو آهي. ڪتاب جا "ٻه اکر" ڊاڪٽر صاحب خود تحرير ڪيا آهن، جن ۾ هُن پنهنجي ننڍپڻ جي اَدبي شوق، شعوري عمر ۾ اَدبي سرگرمين جي آغاز ۽ تنهن ڪانپوءِ پنهنجي پي.ايچ.ڊي تائين تصنيفي ڪاوشن جو ذڪر ڪيو آهي.




ڊاڪٽر بشير احمد "شاد" جو هيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، لِسانيات، لوڪ اَدب، لُغت ۽ گرامر سان تعلق رکي ٿو. ڪتاب بنيادي طرح ٽِن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جن جا عُنوان هي آهن: سنڌي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جا پَهاڪا ۽ سنڌي ٻوليءَ جا اِصطلاح. پهريون ۽ ٻيون ڀاڱو ٽن ٽن مضمونن، جڏهن ته ٽيون ڀاڱو پنجن مضمونن تي مشتمل آهي.

پهرين باب 25 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ٻولين جي بنيادي تاريخ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مختصر جائزو بيان ڪيو ويو آهي. هن باب ۾ هيٺيان ٽي مضمون ڏنا ويا آهن:

1. ٻولين جا باهمي رابطا ۽ سنڌي ٻوليءَ جو جائزو
2. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيلهي لفظن جي اهميت
3. هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون ۽ هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ

پهرين مضمون ۾ ٻُڌايو ويو آهي ته دنيا جون سڀ ٻوليون بنيادي طرح هيٺين ٽن قسمن ۾ ورهايل آهن ۽ باقي سڀ زبانون اُنهن مان ئي ڦٽي نڪتيون آهن:

1. آريائي (Aryan)
2. توراني (Toranian)
3. سامي (Semetic)

سنسڪرت، فارسي، انگريزي، فرانسيسي، جرمن ۽ لاطيني، اِهي پنج زبانون آريائي ٻوليءَ مان نڪتيون آهن.

چيني، تاتاري ۽ تُرڪي ٻوليءَ جو تعلق تاتاري خاندان جي ٻولين سان آهي.

عربي، عِبراني، سِرياني ۽ قلداني، اِهي چارئي ٻوليون سامي خاندان جون ٻوليون سڏجن ٿيون.

هن مضمون ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته انساني سماج وانگر مختلف ٻوليون به هڪٻئي تي اثرانداز ٿين ٿيون. زند ۽ جاذب صفت ٻولين جي سڀ کان وڏي خوبي اها ئي آهي، ته اُهي ٻين ٻولين جا لفظ قبول ڪنديون آهن ۽ ڪين پنهنجا لفظ ڏينديون آهن. ڊاڪٽر صاحب مثال ڏنا آهن ته فارسي ڪافي مقدار ۾ عربيءَ جا لفظ وٺي پنهنجي اَدبي آسودگيءَ ۾ اضافو ڪيو آهي. ساڳيءَ ريت انگريزي، جرمن ۽ فرينچ ٻولين لاطيني ۽ يوناني لفظ قبول ڪري پنهنجن ٻولين ۾ وُسعت آندي آهي.

ڊاڪٽر صاحب ٻولين جي ماهرن جو حوالو ڏيندي لکيو آهي ته سير و سفر، وڻج واپار، مذهبي اجتماع، فتوحات ۽ ڪاهون وغير ٻولين جي هڪٻئي تي اثرانداز ٿيڻ جا اهم ذريعا آهن.

"شاد" صاحب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" مان هي حوالو نقل ڪيو آهي ته، "آثارِ قديم مان مليل مواد ۽ معلومات جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي قديم ٻولي غالباً ڪا سامي زبانن جي سٽ مان هئي، جنهن تي پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو. انهن آريائي ٻولين مان هن قديم زماني ۾ سنڌ جي ٻوليءَ تي گهڻي ۾ گهڻو اثر ايراني ۽ داردي ٻولين جو پيو."

ڊاڪٽر صاحب هن مضمون ۾ عربي، فارسي، انگريزي، هندي ۽ تُرڪي ٻوليءَ جا ڪافي لفظ لڙهين جي صورت ۾ پيش ڪيا آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي دامن ۾ جاءِ وٺي ان جي اَصلوڪن لفظن سان رَلي ملي ويا آهن.

ڊاڪٽر صاحب پهرئين ڀاڱي جي ٻئي مضمون "سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيلهي لفظن جي اهميت" واري باب ۾ ڄاڻايو آهي ته ٻيلهي لفظ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ نرالي خوبصورتي آهن. هي ٻٽا لفظ هم معنيٰ ۽ هم مفهوم هوندا آهن. هن مضمون ۾ اهڙن لفظن جا اِلاهي مثال ڏنا ويا آهن، جهڙوڪ: نياٽي سياٽي، ڏڌ پُٽ، کِير کَنڊ، ڏاڍو ڀاٽي، مڇي ماني، خون ڪٺوري، اَٽو لٽو، هَڻ ڪُٽ ۽ مَرٽو پَرٽو وغيره.

ڊاڪٽر صاحب جي ٽئين مضمون جو عنوان آهي: "هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون ۽ هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ." پاڻ ڄاڻائن ٿا ته اسانجي سنڌي ٻوليءَ ۾ اِها خوبصورتي آهي ته اسان وٽ هڪ لفظ جون هڪ کان وڌيڪ معنائون نڪرن ٿيون ۽ هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ به موجود آهن، جيڪي ٻوليءَ ۾ وڌ ۾ وڌ خوبصورتي پيدا ڪن ٿا. هن حوالي سان ڊاڪٽر صاحب جي ڏنل مثالن مان به مثال هيٺ ڏجن ٿا:

هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون:

❋ ڪاڻ: گهٽتائي، ڪمي خطا، عيب، محتاجي، پرواهه، تارازيءَ واري ڪاڻ، لاءِ

❋ وَٽِ: ڏيئي جي وَٽِ ڪَنڌي، ڪِنارو، پاسو، ڪِناري، لفظ وٽڻ جو اَمُر.

هن ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي "سنڌي ٻوليءَ جا پَهاڪا" ۾ هي ٽي مَقالا شامل آهن:

1. سنڌي ٻوليءَ جا ڪجهه مُنفرد ۽ غير معمولي پَهاڪا
2. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ پَس منظر تي مشتمل پَهاڪا
3. جانورن، پکين ۽ جيتن سان مَنسوب پَهاڪا

ڪتاب جي ٽئين ڀاڱي بعنوان "سنڌي ٻوليءَ جا اِصطلاح" ۾ هيٺيان پنج مضمون شامل آهن:

1. انساني عضون سان منسوب اصطلاح
2. شادي غمي بابت اِصطلاح
3. چند غير معمولي اِصطلاح
4. اسمن ۽ فعلن جي بامعنيٰ ٻيهڪ
5. تجنيس حرفي توڙي معنوي تضاد وارا اِصطلاح

ڊاڪٽر صاحب جي هي اَنمول اَدبي سُوکڙي خاص طور تي لُغت ۽ لِسانيات جي نوجوان محققن ۽ مطالعو ڪندڙن لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي ۽ اهڙن موضوعن تي تحقيق ڪندڙن لاءِ مَشعل راهه جيان پڻ آهي.

آخر ۾ آئون اهو چوندس ته سنڌي ٻوليءَ جي لفظي، معنوي ۽ لِساني حُسناڪين تي هي ڪتاب سنڌي اَدب جو سرمايو آهي. ٻولي، لُغت ۽ لِسانيات جي موضوع تي لکيل هيءَ تحرير سنڌ جي ڪاليجن، يونيورسٽين، پبلڪ لائبريرين ۽ علمي، اَدبي ۽ تحقيقي ادارن جي زينت هئڻ گهرجي ۽ اهو تڏهن ممڪن آهي، جڏهن هي ڪتاب سرڪاري اشاعتي ادارن طرفان وڏي تعداد ۾ ڇپجي ۽ مٿي ڄاڻايل هَنڌن تائين اُن جي پُهچ کي يقيني بڻايو وڃي. ■

## غزل

**تنها واجد ڪنير**

مــاٺ ۾ آهــي گــگــن اڌ رات جــو
ساهَ پـيـا سـرٻـاٽ ڪـن اڌ رات جـو

ڪـٽـڪ جي داڻن جيان تـنـهـنـجـو بـدن
چـپ پـڪـيـن وانـگـي چڳـن اڌ رات جـو

پـر هـجـن هـا ڪـاش مـان اڏنـدو وڃـان
يـــاد آيـــو آ وطـــن اڌ رات جـــو

رات گـهـري تـي وجـي تـي اوچـتـو
زلف تا جيئن، جيئن کُلن تا اڌ رات جو

گـوڙ ۽ گـجـگـوڙ ريءَ بـرسـات ۾
نـيـڻ تـا مـنـهـنـجـا وسـن اڌ رات جـو

چـيـر ڪـنـهـن جي ٿي وڃي پاڙي سَڄي
پـيـر ڪـنـهـن جـا ٿـا ڪـڄـن اڌ رات جـو

## غزل



**غلام محمد پٽي**

ڪـا تـه دردن جـي شـام تـي ويـا هـون
کـهـڙي نـگـريءَ ۾ سـام تـي ويـا هـون

ڪـو نـه ڪـولـي سـگـهـيـو آ اڄ تـائـيـن
پـاڻ اهـڙي تـه مـام تـي ويـا هـون

خـاص تـوسـان هـيـاسـيـن رب ڄـاڻـي
تـون جـو وڃـڙي تـه عـام تـي ويـا هـون

پـيـر جـنـهـن تـي رکـيـو نـه ڪـنـهـن هـونـدو
پـاڻ اهـڙي ئـي گـام تـي ويـا هـون

جـنـهـن تـي پـنـڇـي "پـٽـي" نـه پـر سـاهـي
اهـڙي وڻ جـي ڪـا لام تـي ويـا هـون.

# روس - آذربائيجان تڪرار: علائقي ۾ وڌندڙ آمريڪي اثر ۽ روس ڪي سوڙهو ڪرڻ جون ڪوششون



8آڪٽوبر 2024ع تي ڪريملن، ماسڪو ۾ ملاقات وقت روسي صدر پيوٽن ۽ آذربائيجاني صدر الهام عليئيف (تصوير اي پي)

الهہ بخش راٺوڙ

روس، جيڪو اڳ ۾ ئي يوڪرين ۾ خطرناڪ جنگ ۾ ڦاٿل آهي ۽ ان جا مالي ۽ فوجي وسيلا ضايع ٿي رهيا آهن، اتي روس جي خلاف نوان محاذ کُلي رهيا آهن. جيئن چيو ويندو آهي ته، ”جيڪڏهن ٻہ پيائر پاڻ ۾ وڙهن ته ڪنهن ٻاهرئين جي سازش يا چرچ ٿي سگهي ٿي.“ ائين ڪجهہ اهڙا اشارا ملي رهيا آهن ته اولهہ جا ملڪ هجن، آمريڪا هجي، ترڪي يا وري اسرائيل، انهن جو وچ اوڀر ۾ اثررسوخ وڌي رهيو آهي، جنهن سان روسي سلامتي لاءِ نوان چيلينج پيدا ٿي رهيا آهن.

روس، جيڪو وچ اوڀر ۾ اڳوڻي سوويت يونين ۾ وڏي پاءُ وارو ڪردار ادا ڪري رهيو هو ۽ اهو آمريڪي سازشن اڳيان ٻہ بند ٻڌي بيٺو هو، ان تي شڪ ۽ شبها ظاهر ڪيا ويا، جنهن سبب وچ ايشيائي رياستن جو روس تي اعتماد ڪي ڇيهو پهچي رهيو آهي. وچ اوڀر جي ملڪن جا معاشي ۽ واپاري مفاد بہ تبديل ٿيا آهن، انڪري اهي چاهين ٿا تہ نيون مارڪيٽون ڳولين تہ جيئن عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ڪو ناڻو ڪمائي سگهن.



اميج اين بي سي نيوز جي ٿورن سان



تصوير بي بي سي تان ورتل

تازو روس ۽ آذربائيجان وچ ۾ تڪرار مُنهن ڪڍيو آهي. ڪيترائي اهڙا حلقا آهن، جيڪي سمجهن ٿا تہ شايد هي ڪو اوچتو مسئلو پيدا ٿيو آهي، پر ائين ناهي. هي تڪرار توڙي جوهڪ اڌ معمولي واقعي کان شروع ٿيو آهي، اهو وڌيڪ گهرو ٿي رهيو آهي. جنهن مان سمجهي سگهجي ٿو تہ، ٻئي ملڪ هڪٻئي تي گهٽ اعتماد ڪن ٿا. ٿيو ائين تہ روس ۾ آذري شهرين خلاف پوليس ڪريڪ ڊائون ڪيو، جنهن دوران 50 ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو. انهن مان ٻہ ڀائر پوليس جي تحويل ۾ فوت ٿي ويا. جواب ۾ آذري اختيارين وري باڪو شهر ۾ روسي اخبار اسپوٽنيڪ سان جڙيل صحافين جي آفيس تي چڙهائي ڪري ستن صحافين کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو. انهن تي الزام اهو مڙهيو ويو تہ، ان ميڊيا آئوٽ ليٽ کي پرڏيهہ يعني روس مان فنڊنگ ٿي رهي هئي.

انهن واقعن کانپوءِ ٻنهي ملڪن سفارتي سطح تي معاملي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندن ڳالهيون ڪامياب نہ ٿيون. جيڪڏهن انهن ٻن واقعن ۽ 2024 ۾ روسي ميزائل سبب آذربائيجان جي مسافر جهاز جي تباهہ ٿيڻ کي ملائي ڏسجي تہ انهن حادثن ۽ واقعن صورتحال کي وڌيڪ خراب ڪيو آهي. نگورنا ڪاراباخ واري جهيڙي ۾ بہ روس، آذربائيجان جي گهڻي مدد نہ ڪئي، جنهن ڪري ٻئي ملڪ ناراض ناراض ٿي ڪري هڪٻئي سان سردمهري وارو سلوڪ ڪري رهيا آهن.

روس ۽ آذربائيجان سان گڏ سمورن وچ ايشيائي ملڪن گڏيل سلامتي واري ڳاهہ تي بہ صحيحون ڪيون هيون ۽ هينئر بہ اهو ڳاهہ برقرار آهي، ان جي باوجود وچ ايشيائي ملڪ، اولهہ جي ملڪن، آمريڪا، ترڪي ۽ اسرائيل ڏانهن واجهائي رهيا آهن. آخرڪار اهڙو ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو جو ماضيءَ جا اتحادي هڪٻئي کان مُنهن موڙي رهيا آهن؟ هينئر اها خبر بہ اهم آهي تہ خطي ۾ روس جو اتحادي رڳو بيلاروس آهي، جنهن جا روس ۾ معاشي مفاد آهن. باقي ملڪن جي صورتحال گڙٻڙ واري آهي. هي بہ حقيقت آهي تہ علائقي ۾ روس جو اثررسوخ لڳاتار گهٽجي رهيو آهي، جنهن ڪري ڪي حلقا سوال اٿارين ٿا تہ ائين ڇو ٿي رهيو آهي؟

وچ ايشيائي رياستن ۾ آرمينيا، آذربائيجان، قزاقستان، ڪرغيزستان، بيلاروس، تاجڪستان، يورپ ۾ سربيا ۽ پاڙيسري ايران، روس جا ويجها دوست رهيا آهن. روس ۽ يوڪرين جي جنگ دوران انهن اتحادين سمجهڻ شروع ڪيو تہ، ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ يورپ ۽ آمريڪا، روس جي ڪسر انهن مان ڪڍن ۽ انهن خلاف ساڳي نوعيت جون پابنديون لاڳو ڪن، جيڪي روس خلاف لڳايون ويون آهن. يوڪرين ۾ آمريڪا سڌيءَ ريت ملوث رهيو آهي، جڏهن تہ ٻيا يورپي ملڪ بہ يوڪرين جي حڪومت کي فوجي ۽ سويلين امداد فراهم ڪري رهيا آهن. يوڪرين اهو ملڪ آهي، جيڪو يورپ ۽ آمريڪا کي تيل ۽ گيس ڪانسواءِ ٻيون زرعي جنسون سستي اگهہ تي فراهم ڪندو رهيو آهي. هينئر اهو ملڪ جنگ سبب تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي پهتل آهي.

روس جي اڳواڻيءَ ۾ هلندڙ ڪليڪٽو سيڪيورٽي ٽريٽي آرگنائيزيشن (Collective Security Treaty Organization)، جنهن کي سي ايس ٽي او بہ سڏيو وڃي ٿو، اها آرمينيا جي خلاف آذربائيجان جي ڪارروائي تي خاموش رهي، جنهن آذربائيجان جي حڪومت کي مايوس ڪيو. آرمينيا پاران ڪيترائي ڀيرا شڪايتون ڪيون ويون، پر ان تي روس ڪوبہ ايڪشن نہ ورتو. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ آرمينيا اولهہ طرف لاڙو رکيو، ان فرانس کان هٿيار خريد ڪيا ۽ هاڻ سي ايس ٽي او مان نڪرڻ جا اشارا ڏئي رهي آهي. روس جي اتحادي وچ ايشيائي ملڪن جو نئون نسل اولهہ جي ملڪن ڏانهن ڏسي رهيو آهي. هو سمجهن ٿا تہ اتي انهن جي ترقيءَ جا وڌيڪ موقعا آهن. انهن جي تعليم، سوچ ۽ معيشت بہ اولهہ جي ماڊل کي اختيار ڪري رهي آهي.




اهي ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي، آمريڪا جو هن علائقي خاص ڪري ڪيسپين سمنڊ ۾ اثر وڌي رهيو آهي. آمريڪا ظاهري طور تي مداخلت جو تاثر نہ ڏئي رهيو آهي، پر اندران ئي اندران اهو خوش آهي تہ، روس ڪمزور ٿئي پيو. آمريڪا علائقي جي ملڪن جي روس مخالفن کي سياسي، سفارتي ۽ فوجي سطح تي مدد ڪري رهيو آهي، پر اهو يوڪرين جي تجربي کانپوءِ سوچي سمجهي اڳتي وڌي رهيو آهي. هو ظاهري طور تي کابہ مدد ڪرڻ کان پاسو ڪري رهيو آهي. آمريڪا آرمينيا ۾ جمهوري سڌارن ۽ سول سوسائٽيءَ جي مدد جي نالي ۾ پنهنجو اثر وڌائي رهيو آهي، انڪري آرمينيا گڏيل سلامتي واري ڳاهہ کان پاسيرو ٿي رهيو آهي. توڙي جو آذربائيجان جي حڪومت آمريڪا لاءِ مثالي اتحادي ناهي، پر واشنگٽن ان کي تيل ۽ گيس جي متبادل رستن لاءِ اهم اسٽريٽجڪ ساٿي سمجهي ٿو، خاص ڪري اهي رستا جيڪي روس کي ٻاءِ پاس ڪن ٿا، اتي مدد فراهمي ڪري ٿو.

آمريڪا ترڪيءَ سان فوجي لحاظ کان ويجهڙائپ رکي ٿو. آذربائيجان وري ترڪي جو ساٿي آهي، جتي ان جي نسل جا ماڻهو وڏي تعداد ۾ رهن ٿا. اسرائيل بہ آمريڪا جو اتحادي آهي، جيڪو آذربائيجان کي جديد ڊرونز ۽ نگرانيءَ جو سامان فراهم ڪري ٿو. آمريڪا پاڻ آذربائيجان جي سڌي فوجي مدد نٿو ڪري، پر اڻ سڌي ريت مدد ڪري رهيو آهي. آمريڪا، يوڪرين جي جنگ دوران روس تي سڌيون معاشي پابنديون لاڳو ڪيون، جنهن سان روس جي معيشت تي ناڪاري اثر پيا. هينئر آمريڪا آذربائيجان جي سڌي حمايت نہ ڪئي آهي، پر خاموش آهي. آمريڪا چاهي ٿو تہ خطي ۾ روس جو اثر گهٽ ٿئي تہ جيئن هن لاءِ مداخلت جا موقعا پيدا ٿين ۽ علائقي ۾ آساني سان فوجي اڏا بہ قائم ڪري سگهي.

اها ڳالهہ بہ سمجهڻ گهرجي تہ وچ ايشيائي رياستن ۾ هينئر بہ آمريڪا کي شڪ جي نظرن سان ڏٺو وڃي ٿو. ان جو اندازو ان ڳالهہ مان بہ ٿيو تہ ڪجهہ ايشيائي ملڪن ۾ آمريڪا جي فوجي اڏن جي حوالي سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي، جنهن خلاف احتجاج جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي. هن علائقي ۾ اسرائيل کي بہ فوجي سهولتون مليل آهن، جن خلاف ايران توڙي ٻين ملڪن ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. وچ ايشيائي رياستن ۾ ڪرغزستان، ازبڪستان ۽ ترڪمانستان ۾ آمريڪي هوائي اڏا هئا، جيڪي ختم ڪيا ويا. هينئر بہ قزاقستان ۽ افغانستان سان لڳندڙ تاجڪستان جي پٽي ۾ آمريڪي سهولتون موجود آهن. ■

# ڪربلا جي شهيدن کي منظوم پيڙا



## تو ڪيو بند ڇو پلا پاڻي

اسد مگڻهار

خشڪ معصوم، چَپ، ڳلا پاڻي
تو ڪيو بند ڇو پلا پاڻي

تو اُجارو شهيد ڪيو اصغر ع
جنهن نہ پيتو هو حُرملا پاڻي

ڪنهن چيو اڄ تي مان ڳالهايان
مون چيو هو تہ ڪربلا پاڻي

اڄ بہ پاڻي يزيدي قبضي ۾
اُيَ تان او خدا هلا پاڻي

ڪيئن پياسن جي اُڄ اُجهائڻ لاءِ
طئہ ڪرين ٿو تون مرحلا پاڻي

اڄ جي آگرين جي لئہ غازي
تون ڪٽي اچ ڪري چِلا پاڻي

## هزارن جي لشڪر تي ڀاري حسين ع آ

امداد جسڪاڻي

هزارن جي لشڪر تي ڀاري حسين ع آ
رکيو وار باطل تي جاري حسين ع آ

امن ۽ عدل کي ڏسڻ هو گهرن پيا
سچي دين تي جان واري حسين ع آ

ٻڌايو يزيدي وئي فوج ڪاڏي
يزيدي اها فوج ماري حسين ع آ

جهنم ۾ پهتا شهيدن جا قاتل
ملي توکي جنت هي ساري حسين ع آ

پياسن گلن جو وڏو درد آهي
سڄي دنيا تو لئہ ڏکاري حسين ع آ

## نوحو

انور سانول

سَرُ ننگو عُريانُ هڪ چادر ڏيو
تي اچي آذانُ هڪ چادر ڏيو

شام جي دربار آ زينب ع سر ننگي
آ پَري زندانُ هڪ چادر ڏيو

وار چهري جي مٿان ڪيري ڇڏيا
رب تيو نگهبانُ هڪ چادر ڏيو

نوڪِ نيزان تي پڙهو بازار ۾
پاءُ سندو قرآنُ هڪ چادر ڏيو

ڪنهن نہ زينب ع کي سڃاتو شام ۾
آئي ٿي مهمانُ هڪ چادر ڏيو

رت رنو بيمار عابد ع هر گهڙي
ڪو ڪيو احسانُ هڪ چادر ڏيو

عظمتن جي مالڪہ دربار ۾
گوڙُ آ گهمسانُ هڪ چادر ڏيو

هاءِ غازي خاڪ بن ۾ پيو سمهي
هو جَري سلطانُ هڪ چادر ڏيو

ڪربلا کان شام تئين "سانول" گهڻو
ٿي ويو نقصانُ هڪ چادر ڏيو.

## نوحو

بلوچ صحبت علي

ڪربل ۾ رات آهي، ڪاٿي نہ روشني آ
چئني طرف انڌيرو، مظلوم اجنبي آ

منهنجي حسين ع سان گڏ ٻچڙا بہ ساڻ آهن
معصوم آهي اڪبر، زينب جي زندگي آ

آ رسول ص جي نواسي، ڪربل ۾ جاءِ ورتي
خيما اُتي ئي کوڙيا، جاتي رُني ندي آ

مسلم عقيل جا خط، اڄ پڻ گواهہ آهن
پنهنجن جو الميو آ، پنهنجن جي دشمني آ

ڪيڏا ڪيا اجارا، ٻچڙا رسول ص جا تو
زياد پهرو چا هي، پاڻي بہ ماتمي آ
خيما جلائي سارا، لٽيون ويون هي نياڻون
سُنبن سان ڪچلي سرڙا، ظالم جي بي حسي آ

ابن زياد تو تي لعنت آهي خدا جي
وسندي رهي ٿي توتي، ڦٽڪار هر گهڙي آ

"مون مان حسين آهي، مان پڻ حسين مان هان"
رب جي رسول ص جي هي ڪيڏي نہ شاهدي آ

"صحبت،" خدا ٿو ڄاڻي، مظلوم جي شڪل ۾
هر دور ۾ حُسينيت مونکي نئين لڳي آ.

## ڪَربَلا جو فَلسَفو سَمجَهڻ ڪَپي

ساقي ابڙو

ڪَربَلا جو فَلسَفو سَمجَهڻ ڪَپي
هِي حُسينِي نَظرِيو سَمجَهڻ ڪَپي

هِڪ طَرَف نَوَ لَکَ جو لَشڪَر، ٻِي طَرَف
ٻاهَتَر جو قافِلو سَمجَهڻ ڪَپي

ڇو پَلا ڪُونڌَرَ ڪُنا، خَيما جليا
ڇو ٿِيو هِي اَلمِيو سَمجَهڻ ڪَپي

ڇو ٿِيا عَبّاسَ ع جا بازُو قَلَم
پِياسو ڇو اَصغَر ع ڪُٺو سَمجَهڻ ڪَپي

گهوٽُ قاسِم ڇو ٿِيو هو گهورَ ۽
سِرُ عَلِي اَڪبَرَ ع ڏِنو سَمجَهڻ ڪَپي!

ڇو ٿِيُون ٻِيبِيُون سَگِورِيُون بي رِدا،
هِي سَڄو سارو قِصو سَمجَهڻ ڪَپي

ڇو ٿِيو نوڪِ سِنا تي سَر بَلَند
سِرُ هُيو شَبّيرَ ع جو سَمجَهڻ ڪَپي

ڇو هُيو سَجّادُ ع تِي بِيمارُ پيو
ڇو اَکِين مان رَتُ رُنو سَمجَهڻ ڪَپي

ڇو عَزاداري ۽ ماتَم تو ٿِئي
سارَ جو هِي سِلسِلو سَمجَهڻ ڪَپي

ڇو ڪَيو ۽ ڪَنهن ڪَيو ايڏو وَڏو
سَيّدَن سان سانِحو سَمجَهڻ ڪَپي

ڇو ڪَنيو ڪاغَذ قَلَم "ساقِي" اَتَم
ڇو لِکيُم هِي مَرثِيو سَمجَهڻ ڪَپي.

## غزل

فرحت لغاري

صدائون ڏِيائي ستمگر نہ سگهيو
جهڪائي اهل بيت، جابرُ نہ سگهيو

بيابان برپٽ بلا ۾ بهادر
هٽائي مخالف سراسر نہ سگهيو

گُهرائي يزيدي مگر پوءِ ڦريا
وفادار ٿي ڪو بہ اظهر نہ سگهيو

شهادت سبب آ گلستان حق اڄ
نظر بد ڪري ڪو بہ تصور نہ سگهيو

اڪيلو حسينڻ ع هزارن مقابل
ڪري زير ڪيس لشڪر نہ سگهيو

## بيت



مهر فقير

مير ڇڏيو مدينو، ڪاهي هليو قافلو
تاريخ سچ لکيو، حُسين ع ازلئون حق تي

دوکي سان دغابازن، حُسين ع کي چيو اڄ
تون نسورو سچ ، اسان پڻ ساٿي سچ جا

مندون موٽيون ماه موٽيا، آئيا نہ پر امام
نهاريان صبح شام، ڪالهہ ويا جي ڪربلا

عالم اسلام ۾ اڄ جهولي علم پاڪ
زنده آهي سچ ، باطل پورا ٿي ويو